


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اڪيلائيءَ جو آسمان

(شاعري)

ايوب کوسو

soorihsindhiadab

گلشن پبليڪيشن

حيدرآباد/لاڙڪاڻو 2008ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ارپنا

- سنڌ جي درد جي نانءِ!
- عظيم شهيد مخدوم بلاول جي نانءِ،
- جنگين ۾ مارجي ويل، بيگناهه معصوم ٻارن جي نانءِ!

soomhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڏاءُ

★ پبلشر پاران 9
★ شاعري ڪنواري ڌانهن هڻڻ گهرجي! (شاعر پاران) ايوب کوسو 10
★ مهڪار اٿڻ جي ڳالهہ هلي! (مهاڳ) تاج جويو 15
★ غزل 21
★ نظم
ڪو خاموشين ۾ ساهہ وجهو 64
ڪٿي هن درد کي رکجي! 66
توڏي رتو ڇاڻ اڃون ٿا! 68
وڃي هي ٻُڌايو! 70
ڊسمبر تو بنا ڪهڙو! 72
نٿين ڳالهہ ڪر تون...! 74
هينئين تي لاڙ ليٽي پيو! 76
نهوڙي ڇڏيو يادگيرين 77
وري اڄ....! 78
هلو تہ رت جو ڪٿون پيرو! 79
ڪيئن ڪٿي ڪا چادر ڪي!؟ 81
ٻڌين ٿي اڙي دل...! 82
اداڻون تون نہ ڇُهندين 84
هڪ پل جي لاءِ! 85
ننڊ پيل ڇوڪريءَ ڪي ياداشت نامو! 87
رڳو ڇٽيو آ...! 89
پلا توکي خبر ڪهڙي! 91
سوال...! 93
ڏوهاري وڏو ڪير!؟ 95
يادن ۾ ڇٽي تنهائي آ! 97
گهُرام مانا! 99

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تون رڳو محسوس ڪر! 100
سمجهه ۾ سو نٿو اچي! 102
ڪيئن اچان پلا؟ 104
اُهو هينئون...! 106
سارا...! 108
دلدل جي راتين ۾! 110
تون ياد ڪيو آهي! 112
نقابن نہ جاتا! 114
اُتي تو ساربان... 116
لاڙ جي جھڻ بهار آهين! 118
ڪُنواري ساک سر جي پَٽي! 120
دودا توکي سنڌ سڏي ٿي! 122
نہ ننڊ ڏي تون... 124
پکين جي اکين جا پيچاڻا! 126
لاجان جت...! 127
ڪتاب لکجي! 129
ستارا تو لئہ جُهڪي رهيا هِن 131
اُداس هينئڻ نہ شهر ڪر! 133
خوشبوءِ جي تاريخ لکان! 134
عشق جون بدگمانيون! 135
اچا تو چاچرو سوچي! 137
هي دل آهي سنڌ سجي! 139
زخمي خواب جو سُڏڪو! 141
ڳلابي نظرن اڳيان! 143
نيڻن جي آڏو...! 145
چاهت جي پوٿين ڪهاڻي! 147
صليبن جي سامهون! 149
خون آدم جو...! 151
جي زبانون ماٺ ڪي چوڙي وجهن! 152
تيدي معاني جي ونيءَ جو ورلاپ 154
گٽر رابيل ويو ڪاٽي 156

★ پنجڪڙا 158


soorihsindhiadab


Scanned with CamScanner

# پبلشر پاران

سنڌ جي نامياري شاعر محترم ايوب کوسو جو هي ٽيون نمبر ڪتاب ”اڪيلائيءَ جو آسمان“ اوهان مهربان، پڙهندڙن جي ذوق جي تڪميل خاطر اسان جي اداري گلشن پبليڪيشن ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايو آهي. ايوب کوسو صاحب جا هن کان اڳ ۾ به ڪتاب ”گلابن جو ڪفن“ ۽ ”ديوارن جي دنيا پويان“ ڇپجي چڪا آهن ۽ اهي ٻئي ڪتاب مارڪيٽ مان ختم ٿي چڪا آهن.

محترم ايوب کوسو پنهنجي شاعري جي رستي سنڌ جا حسين منظر پسائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي. ايوب کوسو جي شاعري پنهنجي پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا ته هن کي سنڌس شاعري ڪيئن ٿي لڳي. ڇاڪاڻ ته پڙهندڙ ئي شاعر جا بهترين پارکو هوندا آهن.

اميد ته ٻين ڪتابن وانگر هي ڪتاب به پڙهندڙن کي پسند ايندو.

حيدرآباد 7-12-2003

**گل شير بلوچ**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاعري ڪُنواري دانهن هئڻ گُهر جي!

انتشار جو زمانو آهي، دنيا جي حصن ۾ بم ڦاٽي رهيا آهن، ماڻهوءَ جي سلامتي هڪڙو سوال آهي! پرنٽ ميڊيا جي تصويري ڊوڙ حساسيت کي ٽڪائي وڌو آهي، امن جا گيت تہ هاڻ جهرڪين جي زبانن تي بہ ناهن رهيا! ان ماحول ۾ شاعريءَ جون ذميواريون ٻيڻيون ٿي ويون آهن، محسوسات جي برفباريءَ ۾ ذهن جي اڪين شاعريءَ کي اُنن جي ڪجاون ۾ ويهي اُس ۾ صحرا جو سفر ڪندي ڏٺو آهي، تہ ڪٿي وري شاعريءَ کي درياءَ جي سوڪ ۽ روڪ جي احتجاج ۾ رستن تي پوليس جون لٺيون سهندي ڊڪندي بہ ڏٺو آهي. وقت اسان کي لتاڙي اڳتي وڌي رهيو آهي، اسان بي روح رُتن ۾ بيحسين جي باهہ جي وچ ۾ جهلي رهيا آهيون، ۽ وجودن جون اڪيلايون بنهہ وڏيون ٿي ويون آهن! ڪو وقت هو جو سنڌو درياءَ جي ڪپن تي شاعريءَ جون اُپسرائون وار ڇوڙي گهمنديون هيون، اتي شهر اڏبا هئا، رگ ويد جهڙا ڌرمي ڪتاب لکبا هئا. سرمدي اڪين جي ڪنوارپ خُمارن جا ڪيپ پري ڇڏيندي هئي، پر هاڻ ائين ڪونهي! عجيب جيءَ جون جلاوطنيون خوابن جي ديسن ۾ پکڙجي ويون آهن. هجرتن ڳوٺ ڳڙڪائي ڇڏيا آهن. شاعري باهہ تي پنهنجا ڪنوارا هٿ سيڪي رهي آهي! شاعري زخمن ڏي نهاري رهي آهي. شاعري احساسن ۽ تاريخ جي چيچ ۾ چلڙو ٿيڻ جي آرزوءَ ۾ پنهنجي بدن تان ڌوڙ ڇنڊڻ ۾ رُڌل آهي! لفظن جي بي حرمتي اڳي ڪان بہ گهٽي هاڻ ڪئي وڃي ٿي، ڇو جو آس پاس گهٽياپڻي جون بازاريون ڪليل آهن! روحانيت جو چنڊ ڪارن ڪڪرن جي گهيري ۾ آهي! ڇرين اڪين وارا پيار جا مسافر پنڌ جي رُڃ ۾ ڦاٿل آهن! تنهن لاءِ آس پاس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڀ ڪجھ ٿي وڃي ٿو، ايتري تائين جو بڪواس کي بہ احترام جو درجو حاصل ٿي وڃي ٿو، پر سچ چُرن هيٺ اچي وڃي ٿو! پل ۾ ڪئين وارتائون ٿي وڃن ٿيون، قبرن تي ڪيئي ڪچيون اکيون ڳوڙها ڇڏي وڃن ٿيون، ڪليل گٽر ننڍڙا ٻار کائي وڃن ٿا، اسپتالن جون فيون ڀرڻ لاءِ غريب مائون ڏيئن جون عصمتون وڪڻڻ جو بي دليو سؤدو ڪري ويهن ٿيون! لفظن جي دوکي ۾ روح ماريا وڃن ٿا، پر سچ اهو آهي تہ هن گندگيءَ وارين ڪارين راتين ۾ شاعري وري بہ دلربا ماءُ جهڙي ٻاجهاري پناهہ گاهہ آهي، جيڪا چاهي ٿي تہ رجعت پسنديءَ جا ٻُت ڀڃڻ ڪپن، ڌرتيءَ تي چُمين جو ورجاءُ ٿئي، ڪاٻہ هنيلي جواني سرد لاش نہ بڻجي؛ ڪنهن بہ ننڍڙي نينگريءَ جا ڪچا پير بيحرمتي جي بازارن ۾ لتاڙيا نہ وڃن؛ نہ جنگيون لڳن، نہ گولين جو آواز پکين جي نند ڦٽائي! شاعري چاهي ٿي تہ هاڻي روايتي ورجاءَ کي گُهٽو ڏنو وڃي! هاڻ ٻارن جي رانديڪن کي، پنگياڻين جي ٻُهارن کي، وڻجارن جي ڪيڏارن کي، ڦاٽل چُنين جي انتظارن کي، چيٽن جي ڏونهين کي، پوئن جي اُڃ کي، اشڪبارين جي رُڃ کي، پٽر تڪيندڙ هٿن جي رَت کي، عشق جي پَت کي، اڇن ڪبوترن جي اُڏارن کي نئين روح سان شاعريءَ جو حصو ٿيڻ گهرجي، اها شاعري هڪڙي ڪنواري ڏانهن هٿڻ گهرجي، اُها سوين اکين، سوين ايامن ۽ سوين زبانن سان سُمهڻ باوجود ڪنواري رهڻ گهرجي! شاعري رڳو لفظن جي سٽاءَ جو نالو ناهي، پر شاعري اوجاڳيل نرسن جا ٻاجهارا هٿ بہ آهي، شاعري غلامن جي قافلي ۾ وڏن زلفن وارين ننگين عورتن جي روح جو درد بہ آهي، تہ شاعري خوشبوءِ جو رقص بہ آهي!

شاعريءَ جي سفر ۾ مون لاءِ هر دعويداري حرام آهي، ڇو جو اُها منهنجي عشق جو حصو آهي! شاعري مون لاءِ مقدس ان ڪري بہ آهي، جو اُها منهنجي اڪيلائيءَ جو آسمان آهي! ڪيئي نظمن ۽ غزلن جا خيال مون انهن گهٽين مان ڪنيا آهن، جن گهٽين ۾ ڪنهن جا نہ ڪنهن جا محبوب رُنا آهن، وچڙيا آهن، مُرڪيا آهن ۽ ڪنهن جي پيرن جي خوشبوءِ جڻ تہ پيڇو ڪندي رهي آهي. شاعري رستن، چونڪن، درين، دروازن، پردن، پيلن، ٻنين ۽ ٻرن ۾ اگهاڙي پيرن سان سفر ڪندي رهي آهي، مون تہ فقط اکين ۽ روح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي هٿن سان ان سان هٿ ملايو آهي! شاعريءَ جو اهو اصول رهيو آهي تہ
اُها ان وياڪل ماڻهوءَ جي ڳولا ڪندي ڏُکندي آهي، جنهن جو من
شاعريءَ جو مسڪن هوندو آهي، اهوئي سبب آهي جو Qana ڪئمپ جي
سانحي کي ڪو عرب شاعر نذار قاباني ملي ويندو آهي؛ ڪنهن ڪربلا کي
ڪو ڀِٽائي سُر ڪيڏارو اربي ڇڏيندو آهي؛ ڪنهن رَمَلا جي رَت ٻُڏل رستن
کي محمود درويش ڳولي لهندو آهي، تہ ڪنهن لنڊن جي دونهاٽيل شامن جو
درد ڪيٽس جي سٽن جو حصو بڻجي ويندو آهي!

هتي هن زمين جو الميو اهو رهيو آهي، جو هتي واهيات بيحسيءَ جي
ٻوڏ جي ڪري شاعريءَ کي اُها مڃتا ناهي ملي سگهي، جيڪا ٻين ڌرتين تي
شاعريءَ کي ملندي رهي آهي! هتي تہ شاعر سدائين لاوارث ٿي مُئا آهن، اهو
سڀ هوندي بہ ڌرتيءَ سان وابستگي شاعرن کان لڪائي رهي آهي. اهو بيحد
سهڻو سچ آهي! حقيقت اها آهي تہ هتي يڪسانيت جو جمود حاوي آهي،
جيڪو ٽُٽڻ کپي! ماڻهو چاهين ٿا تہ ڪجهہ نئون هجڻ کپي، ڪا نئين ڳالهہ
ٿيڻ کپي، هي پرين جا قصا ٻُڌائڻ جو زمانو ناهي، هاڻ شاعريءَ ۾ بہ تازي
خوشبوءِ هئڻ گهرجي، شاعريءَ کي روايتي دڪٿپائيءَ جي ڪچري مان
نڪري رابيلن جيان مهڪڻ گهرجي. شاعري قبر کوٽڻ جي ڪاريگريءَ کان
بہ منفرد ۽ ڏکيو فن آهي، ان ڪري ان جي حرمت کي بہ محسوس ڪرڻ ۽
ڪرائڻ جي گهڻي گهرج آهي! بيباڪ ۽ بيساختگيءَ واري شاعري اڄا هتي
ممنوع آهي، ائين حالتون بہ سچ لاءِ هتي ممنوع آهن ائين جيئن پولينڊ جي
جپسي (خانہ بدوش) شاعره پاپوزا سان حالتون وابستا هيون، جڏهن هن
پنهنجي پبلشر فيڪو وسڪيءَ کي لکيو هو: "جيڪڏهن تو اِهي گيت شايع
ڪيا تہ منهنجي ڪَل اُديڙي ڇڏيندا، انهن جي شايع ٿيڻ سان هو ننگا ٿي
ويندا. پر ڪير ڄاڻي ان کان پوءِ منهنجي جسم تي نئين ڪَل ڦُٽي پوي،
جيڪا اڳ کان بہ وڌيڪ حسين هجي!" حالتون پاپوزا جي خيال جهڙيون هر
خطي جي ليکڪ لاءِ بيدا ٿينديون رهنديون آهن، پر پوءِ بہ هر سچو شاعر
پنهنجي ڳالهہ ڪنهن نہ ڪنهن رُخ ۾ چئي ويندو آهي، اهوئي شاعري جي
فن جو ڪمال آهي- ۽ اهو ڪمال جاڳيل رهڻ کپي، ڇوجو قلم جي حُرمت
مسخري نہ، پر هڪ گلابي سچ آهي. سنڌ ۾ ادب جي اهميت نالي ماتر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، لابيون سرگرم آهن، ناني ويڙها آباد آهن، ادب ڪنهن بہ تحريڪي حوالي سان تخليق نہ پيو ٿئي، تنقيدي ادب جو نالو نشان ناهي، ان ڪري ادب ۽ تخليق جي سگهہ بہ واضح ناهي. اهو وڏو الميو آهي، جيڪو هاڻ فنا ٿيڻ گهرجي، نہ تہ يڪسانيت جي وبا سنڌي ٻوليءَ جي ادب کي ٽپ اپاهج بڻائي ڇڏيندي، جيڪو وڏو تاريخي سانحو هوندو!

هڪ ننڍڙي شاعر جي حيثيت ۾ منهنجي اها ڪوشش رهي آهي تہ ڪا نئين ڳالهہ ڪجي، نئين تخليق پيش ڪجي، شاعريءَ کي نواڻ ڏجي، شاعريءَ کي هڪ مسلسل مشقي عمل طور ڪٹڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. هي منهنجي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو آهي، منهنجو پهريون مجموعو پڙهندڙن جي پيار سبب مختصر عرصي ۾ مارڪيٽ ۾ اڻلڀ ٿيو هو. جنهن منهنجي اتساهہ ۾ اضافو ڪيو آهي. سڄڻ جون محبتون منهنجو عظيم سرمايو آهن.

"اڪيلائي جو آسمان" منهنجو "گلابن جو ڪفن" کان پوءِ ٻيو مجموعو آهي، جيڪو توري وقفي بعد پڌرو ٿيو آهي. "گلابن جو ڪفن" جيان هن مجموعي ۾ بہ ڪجهہ جيل ۾ لکيل شاعري شامل آهي، ڪجهہ اڳ جي ۽ ڪجهہ تازي شاعري شامل آهي. ڪوشش اها ئي رهي آهي تہ جدت جا رنگ شاعريءَ ۾ اچن. ان ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان، ان جو فيصلو باشعور ۽ با ذوق پڙهندڙ سڄڻ تي ڇڏيل آهي، جن جي راءِ مون وٽ هميشہ محترم رهي آهي! بس منهنجي شاعريءَ جي تمنا اهائي آهي تہ بد ذوقيءَ کي پوندو لڳندو رهي، تاريخ جو درد بيان ٿيندو رهي، عاشقيءَ جي جسم کي محبوبيت جو لباس ملندو رهي، دريائي ڪنوارين مهائين جي اکين جهڙي انسانيت جي حرمت داغدار نہ ٿئي، سائنس جي عروج جو دؤر هوندي بہ روحانيت ۽ رومانويت جي احساس جون چانڊوڪيون چمڪنديون رهن! پيار ۽ خوابن سان پريل اکيون سلامتيءَ جي صبحن سان وهنجنديون رهن شل!

هن مجموعي جي سڄي نگراني پنهنجي ڪلهن تي کڻڻ. اُن کي خوبصورت بنائڻ لاءِ لڳاتار سرگرم رهندڙ پنهنجي دلربا دوست گلاب جي محبتن جو قرضي ۽ ٿورائتو آهيان. گلشن پبليڪيشن جي سرپرست دوست صفدر گاڏهي بلوچ جي قدر شناسيءَ ۽ پيار جو تمام گهڻو احسانمند آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن هن مجموعي کي ڇپائڻ لاءِ دل سان گهر ڪئي ۽ پيار سان ڪتاب جاڻ لاءِ دل جا در کولي ڇڏيا: جنهنڪري هي مجموعو ترت محبتن سان پڪجي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو آهي، جنهن لاءِ گلشن پبليڪيشن حيدرآباد جو ٿورائتو آهيان ته گڏوگڏ مانواري سائين تاج جويي جو پڻ ٿورائتو آهيان. جنهن هن ڪتاب کي سينگارڻ ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو آهي.

پتو:

ٽپال گهر جهڏو،

شاهه لطيف ميڊيڪل اسٽور جُهڏو.

ضلعو: ميرپور خاص سنڌ

24-7-2003

سچ سلامت سنڌ سلامت

پيار مان،

ايوب ڪوسو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مهڪار اُٿڻ جي ڳالهہ هلي!

اڄڪلهہ ادبي حلقن ۾ هڪڙو بحث عام طرح هلي رهيو آهي تہ، ”موجوده سنڌي شاعري ’مُقام‘ ڏانهن وڃي رهي آهي يا ’مقام‘ (status) حاصل ڪري چڪي آهي.“

اهو بحث، اخبارن ۽ ڪُنيِن وانگر هتان هُتان نڪرندڙ بي موسم رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ بنا ڪنهن معيار يا پرک جي ڇپجندڙ شاعريءَ توڙي ياري باشيءَ وارن راين وسيلي ڪنهن شاعر جي مرتبي، درجي ۽ پد مقرر ڪرڻ وارين ڪوششن کان پوءِ ئي شروع ٿيو آهي. بحث جون ٻئي انتهائون، بي نتيجي هئڻ ڪري، عام پڙهندڙن ۾ مونجهاري جو ڪارڻ بنجي رهيون آهن. روايتي ورجاءَ، لفظي يڪسانيت، فن جي بدران ڏڪاڻڪيءَ، بيجا نقاليءَ ۽ تتبع تي ٻڌل ۽ لفظن جي حُرمت کي پائمال ڪندڙ شاعريءَ کي ڏسي، ڪُڇهہ دل جليا دوست کهري زبان ۽ ڪڙي لهجي کي ڪتب آڻي رهيا آهن. پر سنڌ جو ’ڪوتا – ڪيتر‘، ائين بہ ناهي تہ بلڪل پيلجي، ’اولڙ ڳاهہ‘ بنجي ويو آهي، اُن ۾ نوان گل، گؤنچ ۽ شگوفا بہ ڦٽا آهن، جن جي تازگيءَ، شگفتگيءَ ۽ هڳساڻ سان سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ سُرهاڻجي رهي آهي. اسان جا اجا ڪيترا ڀرپورءَ صف جا شاعر، شمشير الحيدري، امداد حسيني، تاج بلوچ، عبدالحڪيم ارشد، راشد مورائي، وفا ناٿن شاهي، مير محمد پيرزادو، سرڪش سنڌي، وفا پلي، تاجل بيوس، آثم ناٿن شاهي، فتاح ملڪ وغيره ميدان ۾ موجود آهن، ۽ نوجوان شاعرن جي بہ هڪ وڏي ڪهڪشان شاعريءَ جي آسمان تي چمڪي رهي آهي، جن مان ڪيترا تہ اهڙا آهن، جن سينئرن کان بہ ٻيڙڪ پرائي ڇڏيا آهن.

انتهائن جي اِن بہ واٽي تي بيهي، اياز گل ۽ حليم باغيءَ کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوتا مارڳ تي قدم وڌائيندڙ نوجوان شاعرن جي قافلي تي نظر وجهجي ته هڪڙو نالو اسان سمورن جي ’اکين جو مرڪز‘ بنجي پوي ٿو، جنهن روايتي ورجاءَ، يڪسانيت، تتبع ۽ ڍڪاڍڪيءَ واري شاعريءَ کان هٽي ’لفظن جي حُرمت‘ ۽ ’تخليقي انداز‘ کي بحال رکيو آهي، ’يڪسانيت جي جمود‘ کي ٽوڙيو آهي ۽ روحن جي ڌرتيءَ کي گرمايو آهي. اُهو نوجوان شاعر آهي **’ايوب کوسو‘**! هِن نوجوان جي شاعري پڙهي، اُنهن ماڻهن سان منطق ۽ دليل جي زبان ۾ ڳالهائي سگهجي ٿو، جيڪي يا ته شاعريءَ جي ضرورت جا منُڪر آهن يا وري سنڌي شاعريءَ کان مايوس ٿي چُڪا آهن.

**ايوب کوسي**، پنهنجي پهرئين شعري مجموعي **’گلابن جو ڪفن‘** ۾ شاعريءَ جي ضرورت ۽ اهميت کي ڪيڏن نه وزنائتن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

”هن سماج کي شاعريءَ جي تمام گهڻي ضرورت آهي، ڇو جو معاشري ۾ توازن موجود ناهي، جڏهن ته شاعريءَ ۾ توازن آهي. شاعري زندگيءَ جي معصوميت جو اصل جادو آهي.“

سچ ته هن نوجوان، شاعري دل سان لکي آهي ۽ سندس شاعري ذهن کي تازگي ۽ روح کي حرارت پهچائي ٿي. اڄوڪي ’خودڪش سماج‘ ۽ ’بي توازن معاشري‘ ۾ هن قسم جي شاعري اُتم – هتيائي سوچن، ذهني انتشار ۽ انساني وياڪلتا کي زندگيءَ جي واٽن تي موٽائڻ تي مجبور ڪري ٿي ۽ وياڪل دلين کي سُڪون ۽ ڏڍ ڏيندڙ محسوس ٿئي ٿي.

ڄامشورا! تنهنجو آهي ڪرشمو،
هر پٿر مان چير آهي مُون ٻُڌي.

–

ٻالڪ جي اکين جهڙو آ ڳوڙ پرين تُنهنجو!
سانوڻ ٿو رهي تُنهنجي مهڪارجي پيرن ۾.

–

اکين ۾ ڪائناتون ۽ بدن ۾ صبح جا جلوا،
خُدا جي جڻ ته فرصت ۾ اُها ويهي گهڙيل آهي.

–



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي جوڀن ۾ آهي اُنَ جي مَهڪ،
تُنهنجا ڪيـــڏا هوا ۾ اثر تـــا ورن!

-

چون ٿا هُن جي مُرڪن ۾ ڏيڏن جا ٽول ٿا مهڪن!

-

هيءَ زندگيءَ جي ٻولي، هي نڪور ۽ نئون لهجو. هيءَ ٻوليءَ ۾ نين تشبيهن ۽ استعارن جي تخليق ۽ هي جوڀن- ونت اسلوب ٻُڌائي ٿو تہ ايوب کوسو لئيءَ مان لٺ پيچي شاعر نہ ٿيو آهي، بلڪ هن سندس ٿي لفظن ۾ ”روحــانيت ۽ رومــانيت جون چانڊوڪيــون چمــڪــايون آهن.“ هن جي شاعريءَ هڪ 'مَقام' (status) حاصل ڪري ورتو آهي. هن جي شاعريءَ، ٻوليءَ جي پوتيءَ ۾ نوان ستــارا ٽاڪيــا آهن ۽ هن جو هيءُ تخليـقي لهجو، وڏي وقت تائين زنده رهڻ جي پيشگوئي ڪري ٿو.

ايوب ڪــوسي وٽ احساساتي زبان ۽ پنهنجو نڪـور تاجي پيـٺو آهي، جنهن ۾ نقل جو شائبو بہ موجود نہ آهي. هن جو اندازِ بيان منفرد ۽ تخليقي آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جون رعنائيـون، ڪـرب، ڪوجهايون، بي حسيـون، ٻُڏترون، آشائون ۽ روشنيون - مطلب تہ زندگيءَ جا سڀ رنگ موجود آهن:

پــڪـــين جي پـــرن ۾ وڏا دردَ آهـــن،
سنجها جو سنڌوءَ جي ڪنارن ٻُڌايو!

-

مٺيءَ جي شــهـر ۾ مــسـافـر مـرن تـا،
اويـــلا نـــہ اچجو، نـــظـــارن ٻُڌايـــو.

-

گـــلابن ڪي چاٽي هوا ڪا وڃي ٿي،
سڱنڌي ڪهاڻيون، پٿر ٿي وڃن ٿيون!

-

نڪي هوءَ اچي ٿي، نہ موسم ڦري ٿي،
سُڪي رات راڻيون، پٿر ٿي وڃن ٿيون.

-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر وقت گهٽين ۾ اوجاڳا، پيا پازيبن جو پنڌ پُڇن

–

مان آسرن جي اُس ۾ ويٺو رهيس اڪيلو،
آرپيا نہ تو گلابَ، اڪيون تڙپنديون رهيون!

–

ڪو خاموشين ۾ ساهہ وِجهو،
جِتن روپا مـــاڙي لوڪ تڪي،
ڪو دودو پـڙڪي دانهن ڪري،
هن رڻ پٽ ڪي ڪا جاڳ اچي!

–

ڪو خاموشين ۾ ساهہ وجهو،
سـوچن ڪي اڙايو مقـتل سـان،
شـعلن ڪي سـمـايو ٻوليءَ ۾،
تـاريـخ درن تـي ٻـيـــٺـي آ،
ڪي قول وجهو اُن جهوليءَ ۾!

–

**ايوب ڪوسي** وٽ سماجي ۽ قومي شعور بہ بلند سطح جو آهي ۽ اُن جو اظهار بہ ايڏو تہ فنائتو ڪري ٿو، جو سندس شاعري، فن ۽ فڪر جو سهڻو گلدستو بنجي پوي ٿي:

ٻُدن سان حياتين جو سودو ٿئي ٿو،
گلابي نياڻيون، پٿر تي وڃن ٿيون.

–

تـهـــذيـب جي نـئـين چادر پـل روحَ تـي اوڍي ڇڏ!
موهن جي دڙي جون پر، ڪجهہ دل ۾ ڪٿائون رک!

–

اسان جي تهذيب جي بدن تي بناوتن جي ڏسو هي حرڪت،
روايـتن کـي لـڳي آ ڦــاهي، ڳجهـــارتـن کـي ڇُرو لـڳو آ.

–



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو جسم اگهاڙو نينگر جو، ڪا ذرتيءَ جي ٿو دانهن لڳي.
سڀ خواب اکين جا چورايل، هي سنڌوءَ جا نوحا سمجهان!

—

ڪلهہ اُرهہ اُپي جي اوٺ وٺان، هن چنڊ ڏٺو هو آديءَ جو.
اڄ لاش اُنهيءَ جو اجرڪ ۾ ٿو پن ڇڻ جي فتويٰ سمجهان!

مٿيان شعر اسان جي سماج ۾ بي جوڙ شادين، غربت جي ننگين تصويرن ۽ چنڊ روپي نياڻين کي انڌن الزامن هيٺ قتل ڪرڻ وارن واقعن سان گڏ اهو احساس بہ ڏين ٿا تہ اسان کي پنهنجيءَ تهذيب جا زنده جاويد قدر ۽ بهتر روايتون پڻ قائم رکڻ گهرجن، ۽ ڌارين تهذيب جي انڌي نقالي نہ ڪرڻ گهرجي. اسان جو هي شاعر حسن ۽ عورت جي بيحرمتي برداشت ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ آهي، ان ڪري سندس شاعريءَ جو تاڃي پيٽو حسن ۽ عورت، (جيڪي ٻئي تخليق جا مجسم آهن) تي ٻڌل آهي.

اڄ جڏهن سنڌو درياهہ تي بند ٻڌي، سنڌ اندر تهذيب ۽ جيوت جا نشان مٽائڻ جون سازشون ٿي رهيون آهن، تڏهن هن نوجوان شاعر پڻ 'سنڌوءَ جو ڪيڏارو' ڳاتو آهي- پر ڇا تہ سندس تخيلقي انداز آهي، ڇا تہ سندس ٻوليءَ جي حُسناڪي آهي ۽ ڇا تہ سندس اندازِ بيـــان ۾ ڪرب سمايل آهي!

نہ پيــڙي، نہ جوڙا، نہ پاڻيءَ ڦــڙو ڪو،
اکين کي سنڌوءَ جي ڪيــڏاري ڪُنــو!

—

سنڌوءَ جي بيوفائيءَ تي لُڏي پيو ڳوٺ "سُهڻين" جو،
نهـــاريون ڇا وڃي اوڏي، رتو رت دلبـــريون آهن!

**ايوب ڪوسي** لاءِ سندس شاعري، سندس 'اڪيلائيءَ جو آسمان' آهي، پر اسان لاءِ سندس شاعري 'لُٽيل سنڌ جي نوحي' سان گڏ 'آزاديءَ جو حسين خواب' پڻ آهي:

سُرخ پنن تي سنڌ لکان ٿو،
ڇڻ تہ ڦٽن تي سنڌ لکان ٿو.

—

چُلڪي هن جا نيڻ پون ٿا،
نانءَ هٽن تي سنڌ لکان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجا آئي ناهي گلابن جي موسم،
اجا سنڌ ۾ آ عذابن جي موسم!

_

من جو ديبل دانهن ڪري ٿــو،
ســرد وچن تي سنڌ لڪان ٿــو.

_

ڪو خامـوشين ۾ ساهُ وجهـو!
بدبخت اُگـــهـــاڙين راتين ۾،
زنجيـــر ٽُٽڻ جي ڳالهـــ هلي،
ڪـــي ديـــوارن ۾ ڏار پـــون،
مـهـڪـار اُٿڻ جي ڳالهـ هلي!

_

ڪو خامـوشين ۾ سـاهـ وجهـو،
ڪا واهونـدي ۾ چيـــر وجي،
بيـتــاب اُتي ڪو تَمـرُ چوي:
"ڏس هاڻ پـتـائي! سنڌڙيءَ تي،
پيـو ڳاڙهو سـورج ڳاٽُ ڪـٽي!"

_

'سنڌڙيءَ ۾ ڳاڙهي سـورج' اُيـرڻ جي آس رکندڙ ايوب کـوسي جي شاعريءَ جو هيءُ مجموعو 'اڪيلائيءَ جو آسمان'، جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ 'سگهارو قدم' ۽ 'نئين صبح جي نويد' آهي. آءٌ 'دانشـورانـي پهچ' (Intellectual approach) سان پرپور شاعريءَ جي خالق ايوب کوسي کي هڪ دوستاڻي راءِ ڏيندس تہ پنهنجي تخليقي ٻوليءَ ۾ ڪنهن بہ ورجاءَ کان پاسو ڪري ۽ پنهنجي سـماجي شعـور کي عـوامي سطح تائين ڪـٽي اچي تہ سندس ڪوتا - ڪنوار جو حُسن اجا بہ نکري پوندو!

**- تاج جويو**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بهارن ٻُڌايو، نہ چارَن ٻڌايو!
اوهان جو پتو اشڪبارَن ٻُڌايو!

پکين جي پَرن ۾ وڏا درد آهن،
سنجها جو سنڌوءَ جي ڪِنارَن ٻُڌايو!

مِنيءَ جي شهر ۾ مُسافر مَرن ٿا،
اَويلا نہ اچجو، نظارن ٻُڌايو!

چَپن سان اوهان ڪونہ اوري ڪهاڻي،
سمورو قصو نيڻ - ڪارن ٻُڌايو!

اجا ڪنهن بہ زلفن کي ناهي پکيڙيو،
مُهن جي دڙي کي ڏنارن ٻُڌايو!

اَچن ٿا، اچن ٿا، اِجهو غم اچن ٿا،
اکين کي اِهو انتظارن ٻُڌايو!

اِهو چير چمڪو، وڃي ٿو ٻکن ڏي،
ڏکڻ کي وٽن جي اِشارن ٻُڌايو!

پُڇيوسين هوا جا زخم ڪير سبندو؟
تُنهنجو جامشورا! سِتارن ٻُڌايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نياپو هي وجي ڪو ڏي، رَتو رَت دلبريون آهن،
بدن ايڏو نہ چٽو لوڏي، رَتو رَت دلبريون آهن.

پرهہ جا پير ونگن مان اجا آزاد ٿيا ناهن،
اڃان مان ڪيئن پرين توڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

چون ٿا هُن جي مُرڪن ۾ ڏندن جا ڦول مهڪن ٿا،
وڃن ٿا سڀ پڪي هوڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

بهارن ۾ بہ وڪڙ جو اجا احساس اُڀري ٿو،
ستمگر آ چڏيو ڏوڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

سنڌوءَ جي بيوفائيءَ تي لَڏي پيو ڳوٺ سُهڻين جو،
نهاريون ڇا وڃي اوڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

لڳي ٿو عشق آ پويل سنجها جي اڄ ستارن ۾،
اچڻ جو آسرو ڪو ڏي، رَتو رَت دلبريون آهن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وصُل جي رُت آ صفا وچايل، رفاقتن کي چُرو لڳو آ،
سُچائپن جي تميز ناهي، صداقتن کي چُرو لڳو آ.

تو نيڻ پوٽي، نئين صُبح کي بهار جهڙي چُمي ڏني آ،
گُلاب لوڏي هوا چيو آ، عداوتن کي چُرو لڳو آ.

ڪميٽو ڪوئي، حرامي، ڪافر ۽ سڏجي ماڻهو اڇوت ڪوئي،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ پرين اسان جي سماعتن کي چُرو لڳو آ.

اسان جي تهذيب جي بدن تي بناوتن جي ڏسو هي حرڪت،
روايتن کي لڳي آ ڦاهي، ڳُجهارتن کي چُرو لڳو آ!

يقين ڏسندين هي پير پنهنجا ڪڏهن به ٽڪجي پنيان نہ هٽندا،
سماج! توسان پلي سدائين بغاوتن کي چُرو لڳو آ!

تُون پنهنجي مُرڪن جو هيل جانان! مزاج ساڳيو چپن تي رکجان،
ڪنوارپڻ کي سُري چَٽيو آ، نزاڪتن کي چُرو لڳو آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چَنڊُ تارن کي واڪا سمجهان يا سانجهين کي سُڏڪا سمجهان،
تو بند گهٽين ۾ ماڻ ڪئي، مان ڇا سمجهان، مان ڇا سمجهان!؟

هِن طنبورن جي تارُن کي ويو زنگ چَٽي آ بارش ۾،
اڄ گيت ڇَپن جا وڻجارا، تو ڳوٺن جا لاشا سمجهان!

بي رنگ سڌن جي خيمن کي، دردن جي لُٽيو آ اونداهيءَ،
خاموش درين ۾ ڏيئن کي تو قبرن جا ڪَتبا سمجهان!

هر وقت گـــهـــٽين جا اوجاڳا پيـــا پازيبن جو پنڌ پُڇن،
اَڌ رات لَيَن تي ماڪَ ڪريل ڪنهن بيوه جا سپنا سمجهان!

ڪو جسم اگهاڙو نينگر جو، ڪا ڌرتيءَ جي تو دانهن لڳي،
سپ خواب اکين جا ڀورايل، هي سنڌوءَ جا نوحا سمجهان!

هڪ وار ڍِڳهـو آ ڪالر تي، خوشبـو آ ڦُلاريل سارين جي،
نئين سج ڪنواري جي اُڻ تُڻ ڪو سپنو تـو مَنوا سمجهان!

ڪلهه اُرهه اُپي جي اوٽ وٺان هُن چنڊ ڏٺو هو آڌيءَ جو،
اڄ لاش انهيءَ جو اجرڪ ۾ تو پن ڇڻ جي فتوا سمجهان!

تون ماڻارن جي مات هُئين، تون مونجهارن ۾ ذات هُئين،
تو دل کي وڪٽي قهر ڪيو، اڄ خود کي تو تنها سمجهان!

❖

سُرخ پنن تي سنڌ لکان ٿو،
چڻ تہ ڦٽن تي سنڌ لِکان ٿو.

روز اکين جي ننڊ مري ٿي،
روز سَڏن تي سنڌ لِکان ٿو.

اٽين ٿو تون جام چپن تي،
آءُ چپن تي سنڌ لکان ٿو.

انگ انگ آهي ساٿو ساٿو،
پوءِ بہ بدن تي سنڌ لکان ٿو.

چَلڪي هُن جا نيڻ پون ٿا،
نانءُ هٿن تي سنڌ لکان ٿو،

مَن جو ديبل دانهن ڪري ٿو،
سرد وچن تي سنڌ لکان ٿو.

هوءَ سرتين ۾ ٿهڪ ڇڏي ٿِي،
آءُ وٽن تي سنڌ لِکان ٿو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنجها ٿاڻي سنڌ لُٽي آ،
تنهنجي ماڻي سنڌ لُٽي آ،

تو جو مُرڪي زلف سنواريا،
هاڻي هاڻي سنڌ لُٽي آ،

خوشبوءِ جو آ لاش ڪڄاڻو،
گُل گُل چاڻي سنڌ لُٽي آ،

وک وک تازو خون وهي ٿو،
گهاٽي گهاٽي سنڌ لُٽي آ،

ڏوهہ چنيسرَ چوٽا اٿيو،
ڳاڳهہ سياڻي سنڌ لُٽي آ،

اجرڪ جي ٿِي خوشبوءِ روئي،
تاڻي تاڻي سنڌ لُٽي آ،

هوشو ڏس! هي ڪيئن غدارن،
ڌاريان آڻي سنڌ لُٽي آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زنجير هئا ايڏا اظهار جي پيرن ۾،
موسم بہ رهي ماتم ويچار جي پيرن ۾!

ڏس پيار بنا ماڻهو دوزخ جي ڪهاڻي آ،
تو پوءِ بہ رکي آ دل واپار جي پيرن ۾!

رَت چاڙ بهارن ۾ گُل گُل ڪي هوا چاڙهيو
لڙڪن جا هئا موتي، سنسار جا پيرن ۾!

الزام هوائن ۾ جنهن وقت پرين! وکريا،
ڪجھ خواب هئا منهنجا، بازار جي پيرن ۾!

بي نانءُ اُداسي ۾ هر واس اُڏي پٽڪيو
دل آءُ رکي آيس، دلدار جي پيرن ۾!

ٻالڪ جي اکين جهڙو آ ڳوٺ پرين ٿنهنجو
سانوڻ ٿو رهي تنهنجي مهڪار جي پيرن ۾!

ڇُوڙين جي وڇت ناهي، ڏيئو بہ نٿو ٽِمڪي،
ڪي ڏنپ ڏيو هاڻي، مانار جي پيرن ۾!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پُسيل شام جي هر اشاري ڪٿو آ،
ڄُڻي ڪنهن هوا ۾ اُڏاري ڪٿو آ.

وري پاڻ اُلجهي ٻُڏاسين اکين ۾،
وري عشق ڪنهن جي ڪُنواري ڪٿو آ.

اچي ياد ويئي گلابي چپن جي،
اُفق رنگ لالاڻ هاري ڪٿو آ.

چٽياسين، ٻرياسين، اويلا، اڪيلا،
سوا تو ستمگر سياري ڪٿو آ.

نہ ٻيڙي، نہ جوڙا، نہ پاڻيءَ ڦُڙو ڪو،
اکين کي سنڌوءَ جي ڪيڏاري ڪٿو آ.

ڪندين مات موهن اچا ڪيستائين!
ٻڌا توکي ڪنهن او وساري ڪٿو آ.

ٻُڏي ويو مٺيءَ ننڊ ۾ ڳوٺُ سارو
اسان کي کِلي تاري تاري ڪٿو آ.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننڊ پاسي رکي، پرجهلا سارجن،
زلف ڪارا، هٿن جا ڇلا سارجن.

پنڌ ڊوڙي پَلي، وقت لوڏي پلي،
آءُ اُس ۾ هلي، قافلا سارجن.

دل تي اوندهہ چڙهي تي وڃي تو سوا،
تون پُڊا زخم ڪيسين پلا سارجن؟

پاڻ آهيون ڪٿي، ساڻ آهيون ڪٿي؟
هاڻ آهيون ڪٿي؟ فاصلا سارجن.

مينهن وسندي جا فُرصت آ ٿوري ملي،
چو نہ ڪنهن جا وچن دادلا سارجن.

ڇٿو جنازا کڻون يا ڇُميءَ جو پڇون؟
ڪهڙا ڪهڙا پرين مسئلا سارجن.

پنهنجي تاريخ جي آ تقاضا اِها.
اَجرڪن کي ڇُمي روپلا سارجن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ رگ ويد لِکيو، نہ ٻيو ڪو رسالو،
سنڌوءَ جي اَکن تي تہ لکيو جمالو.

نَڪن جي نَٿُن جي رهي ڪا تہ حُرمت،
اکين ۾ ٻري شل! حيا جو اُجالو.

گلابن سان ياري تون ڏسندين زمانا!
اسان جي هٿن ۾ نہ هوندو ڪو ڀالو!

اندر ۾ چٽيوسين چٽو نانءُ مڪلي،
اسان ٻيو نہ آندو چپن تي حوالو.

اڙي چنڊ اُن جي ڪهاڻي ٻُڌاءِ!
پٽو ٿهڪ جنهن جو رهيو آ نرالو.

سُتل هئي اگهڙ ۾ ڪا خوابن جي مومل،
ترِيءَ تي ٿي جاڳيو لکيل ڪنهن جو نالو.

عجب منجهہ ونجي وئي آهہ بارش،
ڏسي اج گلابي بدن ڪنهن جو آلو!

اُهو ڪاڪ جي ڇا ڪُنوارين کي ڄاڻي،
ڪيو جنهن رِٽن جو ڪو ناهي ڪشالو!

ڪپيل تنهنجي ڇاتين جي تِج جو قسم آ!
ڪندي نيٺ تاريخ تنهنجو ازالو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻاڙهي ٻَل تي هَٿ رکيوسين.
چڻ ململ تي هَٿ رکيوسين،

مهڪ هوا ۾ هُن جي پڪڙي،
ويندڙ پَل تي هٿ رکيوسين!

سڀ اريڻ جون نينديون آيون،
ٻاڪ تتل تي هَٿ رکيوسين!

هُن ويڙهيندي وار، نهاريو!
هانءُ اُجهل تي هَٿ رکيوسين!

الزامن جا بار وڌي ويا،
عشق رَتل تي هَٿ رکيوسين!

هُن کي ساندي روح ۾ رکبو،
رات غزل تي هَٿ رکيوسين!

ڏرمن پاسي دنيا ڊوڙي،
پاڻ سَچل تي هَٿ رکيوسين!


Scanned with CamScanner

پرين درد پنهنجو سمورو رکي آءُ!
اکين ۾ نہ سپنو اڌورو رکي آءُ!

اِجهو ڳوٺ آهي ڳهر ۾ ڳڳاٽيو،
چپن ۾ نشو تون بہ پُورو رکي آءُ!

اچين ٿي تہ پنهنجو تون سپني ۾ سانڍڻ،
بدن چنڊ هيٺان نہ پُورو رکي آءُ!

هوا تيز آهي اڙي او اياڻا،
گُلن جي گسڻ تي نہ ڪُورو رکي آءُ!

ملڻ جو مزو مهڪ تي آ وجڻ ۾،
پکن ۾ نہ موهہ اڻپورو رکي آءُ!

متان سنڌ بدذوقَ پلجي ڏُتارن،
اُتي، باک سامهون طنبورو رکي آءُ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ نظر ۾ چير آهي مون ڏٺي،
ڪا اندر ۾ چير آهي مون ڏٺي،

هُن پريو کي ساهه آ ٽڏڙو ڪٿي،
اڄ امبر ۾ چير آهي مون ڏٺي!

ڄامشورا! تنهنجو آهي ڪرشمو،
هر پٿر ۾ چير آهي مون ڏٺي!

ڪو اڏورو عشق ٿو پٽڪي اڃان،
شهبندر ۾ چير آهي مون ڏٺي!

سا محبت جي ڪُتل آهي ڪٿا،
جنهن قبر ۾ چير آهي مون ڏٺي!

خط شايد لکندي ٿو مُرڪيو پٽي،
هر اکر ۾ چير آهي مون ڏٺي!

مُنهنجي دشمن جي اِهائي هار آ،
جو خنجر ۾ چير آهي مون ڏٺي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوا تنهنجي غم آ ڪَڙي سان سُتي،
چري پنهنجي دل جڻ ڳڙي سان سُتي،

هِي سانجهي جي ويلا، ڏنارن جي هُرڪُر،
پِني ياد آ هر ڇَڙي سان سُتي!

ڪٽي چيلهہ تي هوءَ هلي ٿِي ڏڌهن،
وڃي سوچ آ تنهن گهڙي سان سُتي!

تڪيو چنڊ بيٺو انهيءَ ڪي اجان،
ٿَري ڇوڪري جا پَڙي سان سُتي!

ڇُميا واءَ چوٽا لڙيءَ رات جو.
وڃي تات موهن ڏڙي سان سُتي!

سنڌوءَ ڪي زنجيرن وِڌا ونگ آهن،
تڌهن سنڌ آ سوڪَهڙي سان سُتي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دل اَجهل جي خيال ۾ ٻَڪجي وئي،
هوءَ غزل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي،

هوءَ نہ نوري هئي، مگر ڪينجهر پُڄي،
هر ڪنول جي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

اُن ڪي موسم وئي وساري، مُرڪ جا،
رڻ تتل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

ڪا اُفق جي رنگ جهڙي ڇوڪري،
سج لٿل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

لوڪ ڪي پاسي رکي هيءَ اڪ اُجي،
ڪنهن ڪَجل جي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

چنڊ سان اُلجهي اچانڪ سوچ آ،
هن ڏي هلجي خيال ۾ ٻڪجي وئي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪَتن کي نہ لوڏيو
ڏکن کي نہ لوڏيو.

ٿَڪل شام آهي،
گسن کي نہ لوڏيو.

ٺهر آ اسان سان،
ڇَتن کي نہ لوڏيو.

ڦُٽو ڏيو گُلن کي،
بدن کي نہ لوڏيو.

وڇڙ جي گهڙي آ،
هَٿن کي نہ لوڏيو.

غدارن ۾ ٻيهي،
وطن کي نہ لوڏيو.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عشق جي اسرار مان ٻانهون ڪڍون تہ گنهگار ٿيون،
چنڊ جي پيار مان ٻانهون ڪڍون تہ گنهگار ٿيون.

زخم جي ملن پيا تہ پلي پيا مِلن سوين،
سُونهن بيقرار مان ٻانهون ڪڍون تہ گنهگار ٿيون.

تنهنجو چهرو اکين ڪي اربي ويو آ معنيٰ ڪا،
تنهنجي مهڪار مان ٻانهون ڪڍون تہ گنهگار ٿيون.

تُون اچين، اچين، اچين نہ اچين جانم!
تنهنجي انتظار مان ٻانهون ڪڍون تہ گُنهگار ٿيون.

سچ ۽ خوشبوءَ جو موت تہ ٿيڻو ئي ناهي،
اِنهيءَ اعتبار مان ٻانهون ڪڍون تہ گنهگار ٿيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاسبي جو نگر، وڻ، پڙا، دادلا،
چيلهڙيون تا ڇُهن، سڀ گهڙا دادلا.

عرش جهڙي اُها، بوند جهڙو بدن،
لوڏ تي تا لُڏن، جهوپڙا دادلا!

توهرن تي اچا تيون سُڪن چولڙيون،
پٿونر پُليا ڦرن، بي وڙا دادلا!

چنڊ! آ تون لهي، چنڊ! آ تون لهي،
رات پر تا پڪارن، چڙا دادلا!

”ڳوٺ“ ۽ ”هُل“ سُتا او مسافر پرين!
پر نہ آهن سُتا در، ڪڙا، دادلا!

ڏينگهرن تي چڙي دل سمهاري اسان،
درد ڏئي ويو پرين، روڪڙا دادلا!

سو تہ ڪافر ٿئي جيڪو توکي پُلي،
منهنجي موهن جا دلبر دڙا، دادلا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فراقي پڇائيون پٽر تي وڃن ٿيون،
اچانڪ رهائيون پٽر تي وڃن ٿيون.

گلابن کي ڇاڻي هوا ڪا وڃي ٿي،
سڳنڌي ڪهائيون پٽر تي وڃن ٿيون.

ٽُٽي خواب پيرن ۾ وڪري وڃن تا،
اڪيون پوءِ ايائيون پٽر تي وڃن ٿيون.

نڪي هوءَ اچي ٿي، نہ موسم ڦِري ٿي،
سُڪي رات رائيون، پٽر تي وڃن ٿيون.

ٻُڌن سان حياتيءَ جو سودو ٿئي ٿو،
گلابي نيائيون، پٽر تي وڃن ٿيون.

وڃهي چنڊ تو گهور ايڏي غضب جي،
ڪُنواريون مُهائيون پٽر تي وڃن ٿيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهڪ تنهنجي مان ميان ڪيئن دُور آ ڪا دُور آ،
يادگيري تنهنجي مون کي هر گهڙي ڀرپور آ،

تو نگاهن ۾ ڪنوارو ڪو رکيو آهي وچن،
چنڊُ تنهنجي ڳوٺ تي او سانوري! مخمور آ.

ڏس غلاظت جي گهٽين ۾ رات آهي دربدر،
تون اجالي جو حوالو، لوڪ ڀيو بي نورُ آ.

بيحسيءَ جي پاڪرن کي ڪجهه ڍلو ڪر وقت تون!
عاشقيءَ جي سڀ رُتن جو ويو ڇٽي ڏس ٻُور آ!

ڪونہ ڪنهن جي پي هتن سان دور ٿيندو هي صنم!
دلبرين کي سانوڻين ۾ تو ڏنو جو سُور آ،

بدفضيلت آڳرين آهي جنجهوڙيو بي سبب،
سنڌ جي اتهاس جي اُرهن ۾ ڪيڏو سُور آ.

بي ضميريءَ جي نڙيءَ تي آ اسان نُنهن کي رکيو،
فيصلو سنڌ جي مٽي جيڪو ڪندي منظور آ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هر وقت حجابن ۾ ايذيون نہ ادائون رک،
طوفان اُٿي پوندا، ڪجھہ نرم نگاهون رک!

ڳالهين جون هڙون تنهنجون بارش جي هوا جهڙيون،
ويڙهي نہ اُنهن ۾ تون، سانجهيءَ جون صدائون رک!

جيڪا بہ سزا چوندين، مُرڪي سا قبوليندس،
پر هينئن نہ صليبن تي محبوب وفائون رک!

رستن جي ضرورت آ، شامن جي طلب ساڳي،
نئين رُت جي گلابن جيئن ذلفن جون گهٽائون رک!

هر روز هوائن ۾، پيو درد نئون وچڙي،
ولرن ۾ وڇوڙو آ، پنڇين جون پُڇائون رک!

تهذيب جي نئين چادر، پل روح تي اوڍي ڇڏ!
موهن جي دڙي جون پر ڪجھہ دل ۾ ڪٿائون رک!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوئي نهي فسانو اُن ڪان اڳي ملون،
ٿوڙي چڏي زمانو اُن ڪان اڳي ملون.

بيدرد حادثن جا جاڳيل عذاب آهن،
دل ۾ لڳي ڪو ڪانُو اُن ڪان اڳي ملون.

ڀَهرن جو واءُ توکي مون کي وڃي اُجهائي!
ڪوئي ڪري ٻهانو اُن ڪان اڳي ملون!

تون زرد لڙڪ چاٽين مان سرد رات ٻٽجان،
وينا رڙون روزانو اُن ڪان اڳي ملون!

ٻه ذوق نيڻ ٻينا گُل گُل تي روز اُلرن،
خوشبو تئي نشانو ان ڪان اڳي ملون!

بس پيار آهه پنهنجو سڀ ڪجهه گلاب جانان!
لُٽجي اِهو خزانو اُن ڪان اڳي ملون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪا سار باغي، ڪا سار آتي، ڪا سار ڪاتي صفا رهي ٿي،
ايامِ اُلرن، عذاب اُيرن، اجا بہ جانان خفا رهي ٿي!

گلاب چئجي، ڪتاب چئجي، شفاف يا ڪو شراب چئجي،
صفا سراسر، لڪن برابر، پرينءَ جي هڪڙي ادا رهي ٿي!

پتو بہ ناهي، خبر بہ ڪهڙي تہ ڪير وچڙي يا چيرِ سُڏڪي،
اماس چارا، اداس تارا، اتاولي پئي هوا رهي ٿِي!

نہ چاندني آ، نہ دلبري ڪا، نہ رنگ آهن ٻرپل دلين ۾،
ڦُليءَ ڦُليءَ تي لهوءَ ڦُڙو آ، ٻُڏي ٻُڏي هر صدا رهي ٿي.

ڪا مهڪ چاٽي، نہ توڪي آٽي، نہ عاشقيءَ جي ٿي چيچ تاٽي،
اُڏائي آسون، ڦٽائي ننڊون، بهار پي بيوفا رهي ٿي!

صداقتن ۾ خُدا رهي ٿو اُگهاڙيون پي اجايون ناهن،
تڏهن تہ سرمد! صديءَ صديءَ ۾ اجان بہ تنهنجي پُڇا رهي ٿي!

بدن بدن تي غليظ نظرون ڪنوارپڻ جا لباس ڦاٽل،
پرين ڪي چئجان او چند گهايل! حنا تڏهن لاپتا رهي ٿي!

هوا کي ناز ڪيڏو آ انهن جو ٻُور پٽئي ڇاٽي،
نماڻو ڳوٺ تنهنجو آ لٽو جنهن تي آ سڄ هاٽي!

اسان جي عاشقيءَ جي دل مسين هاٽي سامائي آ،
لکن جي لوڏ تنهنجي تي، پوي ٿي روز ڪنهن گهاٽي!

اکين ۾ باک آرهڙ جي، چپن تي مُرڪ جا پوپٽ،
اسان کي آ ڇڏيو رولي تنهنجي مومل اِنهي ماٽي!

نظر جي قافلي ۾ آن، ڇوان ڪيئن فاصلي ۾ آن!
وڃي ٿو وقت چيرون ٿي، ڪلين ٿِي جنهن بہ تون ٽاٽي!

رنگن ۾ خواب هِن پويل سِبيا هن تو سوين ماٽا،
رِليءَ ۾ آ سڳنڌ تنهنجي، اڃي ڪيئن ننڊ پو هاٽي!

ڇٽي چنڊ، جو بہ ڇوٽو آ، ٻهانن کي پلائي اڄ،
رڱن ۾ تون لهي پٺو اڄ! سياٽي ڪير ٿو ڄاٽي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاڳرن سان واسطا هِن،
وحشتن ۾ معجزا هِن!

پيار ڪان پرتي وڇڙ سان،
حادثا ئي حادثا هِن.

ڇا ڪندي اوندهہ پلا هيءَ؟
چنڊ سان جو رابطا هِن!

ساڻ ناهين تون، لڳي ٿو
ڪربلا ڏي قافلا هِن.

تو نهاريو ڦهر تي ويو
روح لفظن جا خَطا هِن.

دل هٿن مان پٽي وڃي ٿي،
تو اچڻ جا آسرا هِن.

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستارن جي پڪَ ۾ سُتيون چاهتون،
ڪُلي اک تہ سُڏڪي اُٿيون چاهتون.

نہ چنڊ ساڻ چرچا، نہ ننڊ ساڻ ناتا،
اسان ڪان الئہ ڪٿ رُٺيون چاهتون!

اڙي وقت! تو سان نبيرو ڪبو،
گھٽيون نو بہ آهن گھُٽيون چاهتون!

ڪو دردن ۽ زخمن ڪي سيبا هٽي،
ڪو مرڪي پڇي ڇو لُٽيون چاهتون!

تون ريتن جي راتين ۾ وڪجي وئينءَ،
۽ رستن ۾ آهن ٿُڻيون چاهتون!

رهيو خيالُ خوشبو سندو پاڪرين،
دل جي هر ڪُنڊ ۾ هِن ڦُٽيون چاهتون!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چپن تي ٻري تي ڪَٿا منتشر ڪا،
هوائن ۾ آهي وفا منتشر ڪا.

سُتو دل جي آهي اڱڻ ۾ وڇوڙو،
مون ڪان ڇيڳري آ جُدا منتشر ڪا.

اڃا خودڪشيءَ جي آ موسم سفر ۾،
اڃا سنڌ آهي صفا مُنتشر ڪا.

ڇري! ڇڏ تہ راتين جا رولاڪ مُرڪن،
ڪرين ڇو ٿِي پنهنجي ادا مُنتشر ڪا!

اُڃين سانجهڙين ۾ نظارا رڙن ٿا،
ٽريلين جي آهي گهٽا مُنتشر ڪا!

نڪي پهڻ ڳاري نہ ڪا باهہ ٻاري،
اسان جي تہ آهي صدا مُنتشر ڪا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رڳو سوڳ دل جو ستارن سُڃاتو،
ڪڏهن ڀي اسان کي زماني نہ ڄاتو!

ٻُڌاسين تہ رڻ جا سنيها ٻُڌاسين،
اندر جي وطن ۾ رهيو روح آتو!

نہ ڪنهن جي عبادت ڪڏهن دل اُجاڙي،
اوهان جي اکين مان اکين چين پاتو!

اوهان وار ويڙهي هِتان ڪان هليا ويا،
غمن ۾ ٻُڏي ويو مسافر ڪو ناتو!

وري اڄ تصور ۾ ڪوئي لهي پيو،
وري سانجهہ سُرمو اکين ۾ آ پاتو!

تڏهن دل سڄي آ اندر ۾ لُڏي وئي،
جڏهن ڪنهن ڀنائي آسر جو آ ڳاتو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خزائون ئي خزائون هِن مِني موسم تَڙيل آهي،
رڳو هي دل سڙي ناهي، سجي چاهت سَڙيل آهي.

گهڙين ۾ زهر جاڳي ٿو، اجا پِي قهر جاڳي ٿو،
اسان جا پهر هِن قيدي، اجا هوءَ ڪاوڙيل آهي!

ذهن جا عڪس سپ آلا گلابي خواب نيڻن ۾،
شرابي عشق ۾ ايڏي اجا هِي دل اڙيل آهي!

اکين ۾ ڪائناتون ۽ بدن ۾ صُبح جا جلوا،
خُدا جي جڻ نه فرصت ۾ اُها ويهي گهڙيل آهي!

چِتا جو هُن چڏيا چوڙي، پيو ماحول مُرڪي آ،
ڏهر ۾ پيا ٻرن ڏيئا، مٿان سانجهي لڙيل آهي!

ملي آ چير تون پائي، پٽائيءَ جون سٿون ڳائي،
غضب جو پهر آ پيارا! ستارن سان جَڙيل آهي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُو دَمُ نہ لٿو دل تان،
هي غَمُ نہ لٿو دل تان،

سڄ آيا وِيا اُلهي،
ماتمُ نہ لٿو دل تان!

ڀڳوان، خُدا، وسريا،
آدمُ نہ لٿو دل تان!

مَن ياد اوهان جيءَ جو،
آڳمُ نہ لٿو دل تان!

چاهيمُ تہ ڀُلائيندُس،
لاتمُ، نہ لٿو دل تان!

❖

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندا رهيا عذاب، اڪيون تڙپنديون رهيون،
لکبا رهيا ڪتاب، اڪيون تڙپنديون رهيون،

هر گام تي حَوس جو ايڏو رهيو تماشو،
ٽڪبا رهيا شباب، اڪيون تڙپنديون رهيون،

رستن تي سوڳ ساڳيو، ساڳي اُداس خوشبو،
آيا نہ انقلاب، اڪيون تڙپنديون رهيون،

جن ڪاڻ درد پوڄيا، جن لاءِ شام تياسين،
وڪريا اُهي ئي خواب، اڪيون تڙپنديون رهيون،

مان آسرن جي اُس ۾، بيٺو رهيس اڪيلو،
اڀريا نہ تو گُلاب، اڪيون تڙپنديون رهيون،

تشبيهہ تن کي ڪهڙي آخر ڏجي ڪُنواري،
هُن جا ڏسي حجاب، اڪيون تڙپنديون رهيون!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زخم هِي پراڻا رهيا ئي رهيا هِن،
وڇوڙن جا گهاٽا رهيا ئي رهيا هِن.

اُجي روح جي هِن اُداسيءَ جو ڪارڻ،
گُلن جهڙا ماڻا رهيا ئي رهيا هِن.

ملي پر حجابن ۾ ايذي ملي جو
عذابن ۾ تاڻا رهيا ئي رهيا هِن.

اها يادگيريءَ جي آهي نوازش،
پُسيل ڪي وهاڻا رهيا ئي رهيا هِن.

اسان سنڌ وارن لئه اڪثر ايوب،
جبر، جيل، تاڻا رهيا ئي رهيا هِن.

❖

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دلفريبين جا ڪيڏا وڳر تا ورن،
ڪاسبي تان اُتي اڄ ڪڪر تا ورن!

تنهنجي جوبن ۾ آهي اُني جي مهڪ،
تُنهنجا ڪيڏا هوا ۾ اثر تا ورن!

رات خاموش ۾ تنهنجي پويان رُلي،
پير منهنجا پرين! دربدر تا ورن!

سُونهن جي آ نظر جو اِهو معجزو،
عاشقيءَ جي گسن ڏي پٿر تا ورن!

اُن ڪي چئجو سنڀالي اکين کي هلي!
چامشوري ڏي جنهن جا سفر تا ورن!

ڪوڙ جَر تي ڏيئا روز باسون، اَڪا،
ڪينَ دل جا پرين پر پڌر تا ورن!

ڪلهه ڪراچي سڙي، اڄ سِنڌو سُڪو
سنڌ تي ئي رڳو ڇو ڏمر تا ورن!؟

سانجهه ٿيندي پکين جيئن اُڏامي ڪتان،
درد تنهنجا پرين، دل جي گهر تا ورن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تتل تماشا ڏسڻ ۾ آيا، چپن جون ڇرڪي لِڪيون ادائون،
ذليل روپن گلاب جهڙيون اسان ڪان پرتي ڏِڪيون ادائون،

اکين تي آهي عجيب گذريو، هي سوڳ ڪيڏو ذليل گذريو،
چون ٿا چپڙن نراس ٻڌجي پنهنجون ڪي آهن وِڪيون ادائون!

بهار ۾ ڪا بهار ناهي، نهار چنڊ جي قرار ناهي،
چڱن ۾ ڪائي ڦُلار ناهي، جتي ڪِٿي هن ڦِڪيون ادائون!

نہ هوش تنهن پل هوا سنڀاليو، نہ رات پوءِ آ ڪٿي گذاريو،
جڏهن بہ هُن جي ڪنواري مک تي خمار ٻڌجي ٽڪيون ادائون،

ڪٿي مسافر پري هليا ويا جڏهن متيءَ جو هڳاءُ هلڪو،
ٻُڌوسين راتيون رُنيون اڪيليون، ٻُڌوسين پويان سِڪيون ادائون!

❖

رهيو پيار جنهن جو آ ساڳيو ڪُنوارو،
اکين تِنهن سان هر خواب واڳيو ڪُنوارو.

نہ عنوان جنهن جو، نہ جنهن جي پُڄاڻي،
اسان سوڳ آهي سو جهاڳيو ڪُنوارو.

ڏسي چنڊ آديءَ جو تو بن اڪيلو،
پرين! درد آهي ڪو جاڳيو ڪُنوارو.

اُهي هٿ چمڻ جي تمنا پئي جاڳي،
جنين گهر مٺيءَ جو آ راڳيو ڪُنوارو!

گلابي رُتن جي سڙي وئي ڪهاڻي،
بدن ڪالهہ وحشيءَ ڪو داڳيو ڪُنوارو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻُڌاءِ! ڪيسيتائين هو تڪجن ستارا؟
اڙي رات! ڏئي وڃ ڪي سپنا اُڌارا!

الئه ڪِٿ گلابن جي موسم رهي ٿي؟
اسان جا اجا پيي غمن ۾ گُذارا!

نه دريا مان ڍاپيا، نه بارش سنياليا،
رهيا روح پنهنجا ازل کان اُڃارا!

سڄي وئي خدائي آ خوشبوءِ ۾ ڊڪجي،
ڪيا تو جڏهن پيي ڪلي کي اشارا!

اوهان جي اکين جي تڏهن ياد آئي،
ٽِڙي پيا سِرنهن ۾ جڏهن ڦول سارا!

ڪجي ڇا خزان جو زمانو آ اهڙو،
ڇٽي ٿا وڃن خواب اڪثر ڪُنوارا!

اوهان جي شهر ۾ اسان ئي نه تنها،
اوهان کي الئه ڇو اجا پيي وسارا!

❖

sochisindhiadab


Scanned with CamScanner

گلابي بدن ۽ ڪُنواريون نگاهون،
لڳو چڻ، بهارن ألاريون نگاهون،

سوين چنڊ جن ۾، لکين مَنڊ جن ۾،
أهي ڪيئن پلاسي وساريون نگاهون!

حُسن جي سنڌوءَ ۾ ٻُڏي چڻ لڳو آ،
ازل کان اسان جون أجاريون نگاهون!

جڏهن کان اوهان سان جَڙيو جيءُ آهي،
اسان، ياد ناهي سُمهاريون نگاهون!

رڳو بيخياليءَ جي برکا وسي ٿي،
ڪُهي ڪي ويون هِن ڪُنواريون نگاهون!

حياتيءَ جي اوندهہ ۾ روشن ٿيون هِن،
اسانِ لئہ اوهان جون ڏياريون نگاهون!

وڏي بدنصيب آ حياتي أها ئي،
پيون جنهن تي ناهن ڪي پياريون نگاهون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستارا پکيڙي سنجها ٿِي وئي ٿي،
سموري خدائي صدا ٿِي وئي ٿي.

ذهن يادگيرين جي رڻ ۾ رُلي ٿو،
سڄي رات اڪثر سزا ٿِي وئي ٿي.

نَين موسمن ۾ نياپا اچن ٿا،
اکين جي عبادت ادا ٿِي وئي ٿِي.

سڄو پيار هُن جو نظر ۾ گُهمي ٿو،
سکي! آرسي جِئن صفا ٿِي وئي ٿي.

رُتن سان جڏهن تون تسم سان کِلين ٿي،
خدائي هٿن جا چَلا ٿِي وئي ٿي.

اکين سان گلابي اکيون هي ملن ٿيون،
محبت اُنئي جي هوا ٿِي وئي ٿي!

حياتي ستارن جو سُڏڪو لڳي ٿي،
جڏهن دلربا، بيوفا ٿي وئي ٿي!

اسان لئہ جدائيءَ جي موسم پرين!
مُهن جي دڙي جي ڪٿا ٿِي وئي ٿي!

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وحشتن آ گلابن کي ساڙي ڇڏيو،
هيل موسم بہ خوابن کي ساڙي ڇڏيو،

نفرتن جي نڌڙڪي پنيث او پرين!
زندگيءَ جي ڪتابن کي ساڙي ڇڏيو،

يا تہ پنهنجين اکين کي سنياليو اوهان،
يا تہ پنهنجن نقابن کي ساڙي ڇڏيو!

محبتن کي تہ زخمي ڪرڻ جُرم آ،
تي سگهي جي حجابن کي ساڙي ڇڏيو!

مُرڪ هُن جي ۾ جادو ڪو اهڙو هُيو،
منهنجي سوالن جوابن کي ساڙي ڇڏيو!

سُور آهن سهڻ کان وَڏي هي ويا،
يار! گڏجي عذابن کي ساڙي ڇڏيو!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو
جنين روپا ماڙي لوڪ تڪي!
ڪو دودو پڙڪي دانهن ڪري،
هن رڻ پٽ کي ڪا جاڳ اچي!

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو
سوچن کي اڙايو مقتل سان،
شعلن کي سمايو ٻوليءَ ۾
تاريخ درن تي بيٺي آ،
ڪي قول وجهو اُن جهوليءَ ۾!

soomrsindhiadab


Scanned with CamScanner

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو!
بدبخت اگهاڙين راتين ۾،
زنجير ٽُٽڻ جي ڳالهه هلي،
ڪي ديوارن ۾ ڏار پون،
مهڪار اُٿڻ جي ڳالهه هلي!

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو
ميندي ڪي هٿي ڪا پيرن تي،
ساحل جي هوا ۾ پيار ڪري،
گهاگهر ڪي ڪلي ڪا چيلهه چمي،
هر پار پريڻ جو خيال ٻري!

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو
ڪي اوڍي ريٽي اجرڪ ڪي،
۽ اوجاڳن جا ڳوٺ گهُمن!
ڪجهه تارن ۾ تڪرار ٿين،
محبوب رِلين تي زلف ڪُڏن!

ڪو خاموشين ۾ ساهه وجهو
ڪا واهوندي ۾ چير وجي،
بيتاب اُتي ڪو تمر چوي،
ڏس هاڻ پٽائي، سنڌڙيءَ تي،
پيو ڳاڙهو سورج ڳاٽ ڪٽي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪٿي هن درد ڪي رڪجي!

ڪٿي هِن درد ڪي رڪجي!
پکين جا پير سمنڊن ڏي،
اچن ٿا ڪونہ شامن ۾!
هوا ۾ بُوءِ دونهين جي،
روئي ٿِي ماٺ لامن ۾!
ڪِٿي هن درد ڪي رڪجي!

پريءَ جي ڪنهن ڪهاڻيءَ ڪي،
ٻُڌي ڪو ڪونہ ٻالڪ ٿو،
سرءُ جي گرم آڌيءَ مان،
ڦُٽي ٿو سنڌ جو سُڏڪو!
ڪِٿي هِن درد ڪي رڪجي!

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عجب آ ماتمي موسم،
وڏي آ ڌوڙ رستن تي،
گسن ۾ اجنبي چُر پُر،
نهاري ڪير ڪَتبن کي
ڪِتي هِن درد کي رکجي!

نہ ساحل ڪوبہ واندو آ،
نہ ٻيڙي ڪابہ خالي آ،
نہ تارو ڪوبہ ظاهر آ،
نہ ڪائي ڳل تي لالي آ،
ڪِتي هِن درد کي رکجي!

نکوري نينهن جي نينگر،
رڙي تي روز ماڻن ۾!
سڙن ٿا پير ساهن جا،
پوي ٿو روح گهاٽن ۾،
ڪِتي هن درد کي رکجي!

نہ ياري آ بهارن سان.
نہ ويجهائي گهٽائن سان،
پُڇايون ڇا هوائن کان!
ٻُڌائي ڪو نگاهن سان،
ڪِتي هِن درد کي لِکجي!
ڪِتي هِن درد کي رکجي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# توڏي رتوڇاڻ اڇون ٿا!

سُڄ لُٽيو آ باک ڦُٽي جو ڳاڙهو ڳل،
پيار ڇِڪي تو لهرن وانگي هر ڪنهن پَل،
مهڪارن جو پاند سڙي ٿو آرهڙ ۾،
رستن ۾ هِن ڪيئي مقتل ڪئين دلدل،
ننگا شيشا پوءِ بہ لتاڙي پاڻ اچون ٿا،
هر موسم ۾ توڏي رتوڇاڻ اچون ٿا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اُڄ جي موسم آهي هر ڪنهن واڙي ۾،
چاندوڪي وئي ڦُرجي آهي ڏاڙي ۾،
دل جي وستي ۾ آ تُنهنجو خيمو ڪو،
ننڊ جا ناهن پيَر اکين جي پاڙي ۾!
اُڪري وحشت واري هر آلاڻ اچون ٿا،
هر موسم ۾ توڏي رَتو چاڻ اچون ٿا!

تو ۾ دريا تو ۾ ساحل، تو ۾ گُل،
سُندرتا جا روپ ڪنوارا، تو ۾ ڪُل،
تُنهنجون ٻانهون جڻ تہ سنيها فطرت جا،
ٻيو سڀ آهي ڪوڙ نِسورو تون ئي اَصُل،
تنهنجي مُرڪن، تُنهنجيءَ خوشبوءَ ڪاڻ اچون ٿا!
هر موسم ۾ توڏي رَتوچاڻ اچون ٿا!

وَڍِ وجهن ٿا ڪڙندڙ تارا فَجُرَن جا،
واٽن تي پيا ڦول چٽن ٿا ٻَبُرَن جا،
زرد هوا جي ٻوليءَ ۾ آ زهر ڪڙو،
جاڳيل آهن پنڌ اُجارين نظرن جا،
بند گهٽين ۾ عشق گلابيءَ ساڻ اچون ٿا،
هر موسم ۾ توڏي رتوچاڻ اچون ٿا!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وڃي ھي ٻُڌايو!

وڃي اڄرڪن جي اکين کي ٻُڌايو،
اڃا خلجين جون نگاھون ٻرن ٿيون،
اڃا لاڙ لڙڪن جي موسم ۾ آھي،
اڃا ديپڪن ڏي دغائون ورن ٿيون،
وڃي ڇيڳرين جي سڳين کي ٻُڌايو،

soorinsindhiadab


Scanned with CamScanner

اڃا سي نموريون ڦُٽيون ڪونہ آهن،
ڳُنڍي وار جن سان، مجازن کي ٻڪجي،
حيائن کي ڏڪجي ۽ نازن کي ٻڪجي،
اڃا منزلون پيو ڪُٽيون ڪونہ آهن،
اڃا عاشقيون بس اڌوريون ئي آهن،
ليارن تي ڳاڙهاڻ ناهي لٿي ڪا،
گسن تي بہ سُرهاڻ ناهي لٿي ڪا،
اوجاڳن پہ وسنيون سموريون ئي آهن،
وڃي بارشن کي اِهو بس ٻُڌايو،
اڃان نيرڳين جي پرن جا پڙاڏا،
نگاهن جي اُڀ تي اُڏاڻا نہ آهن،
نڪي مور تر پہ ڪيو ناچ آهي،
اڃا سانورين جا بہ ماڻا نہ آهن،
اڃا لوڪ گيتن جا غمثار جُملا،
هوائن جي مستيءَ جو لهجو پُڇن ٿا،
اڃا چنڊ آڏين جو چورزو لڳي ٿو،
اڃا خواب ڪينجهر جي ڪپ تي رُلن ٿا،
وڃي ساحلن جي سڌن کي ٻُڌايو،
نہ دل کي رُلايو، نہ خود کي ڀُلايو،
رڳو دلبرين کي وڃي هي ٻُڌايو:
اڃا آئي ناهي گلابن جي موسم!
اڃا سنڌ پہ آ عذابن جي موسم!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڊسمبر تو بنا ڪھڙو!

ڊسمبر تو بنا ڪھڙو!
وفا جا ورق اُڏرن ٿا،
ڪتا جا فرق اُلرن ٿا،
اڌوري عاشقيءَ جھڙو،
ڊسمبر تو بنا ڪھڙو!
ڊسمبر تو بنا اھڙو،

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

هجي جڻ پار جو لاشو،
وڇوڙيل ڪونج لئه ڪاچو،
آڪن تي رات اونداهي،
گٽر ۾ چنڊ جو پاچو!
ڊسمبر تو بنا اهڙو.

گگهي جي گهير جو سُڏڪو!
اگهاڙيءَ پير جو سُڏڪو!
دريا جي سوڪ جو منظر،
اڪيلي پير جو سُڏڪو!
ڊسمبر تو بنا اهڙو.

عاشوري شام جا جهنڊا،
ڏيئي تي خون جا ڇنڊا،
پرائي پيار جي اُڻ تُڻ،
گسن تي پاڀرا ڪنڊا،
ڊسمبر تو بنا اهڙو.

سفر جي راهه ۾ رڻ پٽ،
پُسيل برسات ۾ ڪونيٽ،
ستارو آخري اُڀ جو،
هٿن ۾ پار جي پوپٽ،
قبر تي چانڊنيءَ جهڙو!
ڊسمبر تو بنا اهڙو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نئين ڳالهه ڪر تون...!

نہ جاڳاءِ خوابن جي تاريخ ڪي تون!
سُمهڻ ڏي هي جذبن جا معصوم چهرا،
ڦلهوري ڪندين ڇا تون دل جي وطن ڪي،
اکين ڪي ڦٽيندڙ اُداسين جا پاڇا!
ڇڏي ڏي اُنهن ڪي پڙهڻ جي هِي ڪوشش،
هوا بند آهي ۽ موسم آ مُنڪر،
رڳو سرد راتين جون دانهون رُلن ٿيون،
ڇڏي ڏي ڏکن ڪي نهارڻ جي ڪوشش!
نهاري ڪندين ڇا هِي ڪَتبا اُجاڙيل،
وڃائي ڇڏيندين وَصَلَ جي گهڙين ڪي،


Scanned with CamScanner

اجان بارشن ۾ گهڻو وقت آهي،
پَهو ڪونه ملندو ڦٽن جي ڪَڙين کي،
تُون معصوم، اڻجاڻ، ساديَ به آهين،
صفا تورڙي پي نه توکي خبر آ،
اسان جي اندر ۾ ڪي شمشان آهن!
مٽيءَ جون ڪهاڻيون ڪي ويران آهن،
نه ٿي ديپ ميرا، نه ٿي گيت آهن،
پڳل، بيحسين سان ڪي گلدان آهن،
اوجاڳيل اسان ۾ ڪا مڪلي نه آهي!
ڪا سنڌوءَ جي چولي، ڪا تجلي نه آهي!
پکين جا آکيرا، نه ٿي ڪنب آهن،
ڪاهوءَ جو دڙو، ڪائي ٿلتي نه آهي،
اسان جي اندر ۾ مئل مور آهن،
پرين پيار تُنهنجو، سوين دؤر آهن!
او تنهنجين لڄارين اکين جو قسم آ،
نه تنهنجو نه چهرو اندر منجهه آهي!
پِني نرم ساهن جي مهڪار تازي،
هينئين جي گلابي مندر منجهه آهي!
جڏي ڏي غمن جي سفر جون پُڄائون،
متان درد توکي جڏي کو وجائي!
جڏي ڏي جڏي ڏي رڻن جي حِصن کي!
جڏي ڏي او جانُم! اندر جي قصن کي،
چگو آ نه بيو ڪوبه احوال ڪَر تُون!
زمانو وڏو آ نئين ڳالهه ڪَر تُون!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هينئين تي لاڙ ليٽي پيو!

اکين ۾ عاشقيءَ مُرڪيو،
هينئين تي لاڙ ليٽي پيو!

ٻُڏين تي او ڪنول جهڙي!
حياتي تو سوا ڪهڙي،
نهاريو شام ٽاڻي تو،
هينئين تي لاڙ ليٽي پيو!

ڇڏيا هِي وار تو ڇوڙي،
ويو احساس سڀ روڙي،
ڪنوارو تهڪ موسم جو!
هينئين تي لاڙ ليٽي پيو!

اُڏي آڙي ٻڌن ميڙي،
نهارن ۾ وچن ميڙي،
اچي وئي ياد تنهنجي پو!
هينئين تي لاڙ ليٽي پيو!

نہ تارن کي خبر آهي،
نہ چارن کي خبر آهي،
نہ ڄاڻين تون ٻہ منوا ڇو!
هينئين تي لاڙ ليٽي پيو!

هوا ۾ هوڏ جي خوشبو،
پرينءَ جي لوڏ جي خوشبو،
اچي ويو ياد ياڪر ڪو،
هينئين تي لاڙ ليٽي پيو!

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

# نهوڙي ڇڏيو يادگيرين

سنڌوءَ تي ڪنوارين ڊگها زلف واريا.
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!
نگاهن شبابن جا نقشا اُتاريا.
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!

درن تي ڦُلاريون چنبيليءَ جون لامون.
ڪٽي سوڳ آيون پکين جون اُڏامون.
گلابي هٿن تي ٻٽي ديپ ٻاريا!
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!

لٿو سج ته سُڏڪيو سڄو ڄامشورو.
نه خوشبو جو ميڙو، نه ٽهڪن هنڊورو.
رڳو واءُ رستن تي ڪاڳر اُڏاريا.
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!

پٿر جو زمانو، پٿر جون ڪهاڻيون.
گلابن جي بدلي هِي خنجر ورائيون.
سڳنڌ ڏينهن ڪارين سڳين ۾ گُذاريا.
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!

نهاري هٿن جون لڪيرون اُٿياسين.
جفائن جي رڻ کي وساري رُليا سين.
وڇوڙن جا دل تي ستارا خُماريا.
اسان کي نهوڙي ڇڏيو يادگيرين!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وري اچ....!!

وري اچ تہ اُڃ جي تئي ڪا پُڇاڻي،
ايامن ڪان ناهي اُتي ڪابہ خوشبو،
وڻن يي نہ آهي تڏي چانوَ ڇانٺي،
عذابن جون آهن گهڙيون روبرو!
وري اچ تہ موسم گسن کي ڦلاري،
ڏسي توکي تارا ٻري لڙڪڙائن،
اسَاري ڏکڻ کي اچي چين ڪوئي،
ٻُڌي توکي ڇارا ٺري گُنگنائن.
وري اچ تہ تورو اُهي مُسڪرائن،
پکي، جن جي پويان لُڱل باز آهن،
اُهي ڦول تورو بدن کي لُڏائن،
خزائن ۾ جن جا ٻُڏا ناز آهن.
ڪٺي اچ اُهي زُلف جن جي گهٽين ۾،
سڳنڌ جي صدائن جي مستي رهي ٿي.
وٺي اچ اُهي چپ جن جي رنگت ۾،
گلابن جي پوري ڪا وستي رهي ٿي.
اُگهي اچ اهي نيڻ جن جو تصور،
صليبن جون سختيون گهٽائي ڇڏي ٿو!
کٽي اَچ اُهي آڱريون جن جو ڦٽڪو،
وفا جون ڄمارون وڌائي ڇڏي ٿو،
وري اچ تہ ڳالهيون اڌوريون اڌوريون،
پڇن چاندني جي اچي نُور تائين،
لهي بيوفائي جي ٻت ۾ ڇرو ڪو،
اُتي ٺهڪ کُهنبا وڃن دور تائين،
وري اچ تہ سُڃ جي، تئي ڪا پُڇاڻي!


Scanned with CamScanner

# هلو تہ رَت جو ڪٽون پيرو!

هلو تہ رَت جو ڪٽون ڪو پيرو!
جهَپي جهڙالي وئي ستارا،
اڪين مان آگم رُڳو سِمي ٿو،
دريءَ دريءَ تي نندڙن جو آرو،
ٽريءَ ٽِريءَ مان لهي ٿِمي ٿو،
گهڙيءَ گهڙيءَ جو ڪفن آ ميرو،
هلو تہ رَت جو ڪٽون ڪو پيرو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هِي چيچ ڪنهن جي هي پير ڪنهن جا؟
هِي ليڙ اجرڪ، هي چير ڪنهن جا؟
مٿي تي چمڪي تي ڪائي ڦُلڙي،
اگھ تي ڳوڙها هي ڏير ڪنهنجا؟

هِي لاش ڪنهنجو، هي ڪنهنجو ڀيرو؟
هلو تہ رَت جو ڪـــٽـــون ڪو پيـــرو!

مسافرن جي ڪٿا بہ ڪهڙي،
ڪو باهہ ٻاريو ۽ ڪاهہ ماريو،
چُميءَ چُميءَ جي گلاب پويان،
ڪو راهہ ڳاريو، ڪو چاهہ ڪاريو،
ملڻ جو ناهي ڪٿي سويرو،
هلو تہ رَت جو ڪٿون ڪو پيرو!

نہ مقتلن ڏي نهاري ڪوئي،
نہ خنجرن کي سُمهاري ڪوئي،
شهيد موسم مٿان اُپي آ،
نہ ديپ گهر ۾ ٿو ٻاري ڪوئي،
چپن تان چُپ جو هٽايو گهيرو!
هلو تہ رَت جو ڪٿون ڪو پيرو!
(ڪاروڪاريءَ خلاف)

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪيئن ڪٽي ڪا چادر ڪي!؟

مدهوش رُتن جي ڳالھ نہ ڪر!
هِن نگريءَ جي ويرانيءَ ۾،
ڇُوڙين جي ٽُٽڻ جو ماتم آ،
هر آڳر جي حيرانيءَ ۾!
روپوش سگُنڌ جا پير ڪٽي،
ڪو ٿهڪ سڙي ٿو ڪاچي ۾،
ڪنهن چانوَ جو ناهي نانءُ ڪِٽي،
ڪو ناهي ڪنهن جي پاڇي ۾،
مدهوش رُتن جي ڳالھ نہ ڪَر!
هر گهاٽ تي آهي سُڄ سُتي،
پو ڪيئن ڪٽي ڪا گهاگهر ڪي!
هر واٽ تي آهي اُس اُپي،
چئو، ڪيئن ڪٽي ڪا چادر ڪي!
هُو سجَ اُگهاڙي ٽاڪن ۾،
ٿو دانهن ٻُڌي هر پوپٽ جي،
هر رات ڪَتين جو قلم ڪٽي،
تاريخ لکي ٿي رڻ پَٽ جي!
خاموش ڳُتن جي ڳالھ نہ ڪر!
ڏس عشق سڙي پيو ٽانڊن تي،
گُل پوش ٻُتن جي ڳالھ نہ ڪر!
ڪو چين نہ آهي خوابن کي،
مدهوش رُتن جي ڳالھ نہ ڪر!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻُڌين ٿي اڙي دل....!

ٻُڌين ٿي اڙي دل! ٻُڌين ٿي اڙي دل!
ڪي گولين جا آواز، سهڪا، درن ۾،
۽ مڪروھ ماڻهن جون فتوائون قاتل،
ڦرن ٿيون اگهاڙيون عبادت گهرن ۾،
ٻُڌين ٿي اڙي دل! ٻَڌين ٿي اڙي دل!

مزارن حويلين جون برندڙ ڪتائون،
ڪڏهن سوجهرن ۾، ڪڏهن اوجهرن ۾،
ڪراڙن هٿن ۾ جوانين جا سڏڪا،
ڪڏهن آڳرن ۾، ڪڏهن جهوپڙن ۾،
ٻُڌين ٿي اڙي دل! ٻُڌين ٿي اڙي دل!

ڪي اُرهن جي پنجڙ جا غمناڪ ڇُلڪا،
وڪاميل چپن جي هو سُس پُس جهڙالي،
دلالن جي ٽهڪن جا مدهوش ڦُسڪا،
ٻُڌين ٿي اڙي دل! ٻُڌين ٿي اڙي دل!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شرابين جون گاريون، اڇوتنَ جا سڏڪا،
گٽر ۾ بنا پيءُ بالڪ جو شپڪو،
بکايل ۽ معذور نندڙين جا راڙا،
ٻڌين ٿي اڙي دل! ٻڌين ٿي اڙي دل!

هي چونڪن ۾ ٽئنڪن ٿي مغرور تبرا،
۽ ائٽم بمن جي هٽڻ جون صدائون،
جنگين جي حقن ۾ جلوسن جا نعرا،
ٻُڌين ٿي اڙي دل! ٻُڌين ٿي اڙي دل!

لڳي ٿو تہ زنگجي ويا ذهن آهن،
وڃي ڪونہ ٿو ڪنهن بہ ويٺا جو پٽڪو،
نہ مُرلي جو لهرو، نہ چٽڪي جو چُٽڪو،
پڳل چڻ تہ آهن سيئي ڇير، ڇُوڙيون،

ڪٿي ڪونہ آهي ڪو محبوب جملو،
ٻُڌاءِ ڪهڙي منهن سان ڪٿائن ۾ لڪجي،
تہ مهذب پٽي جي قطارن ۾ آهيون!
اُتي چو نہ هاٿي منافق رُتن ۾،

سُنو آ تہ سيني درن تي هي لڪجي،
"اسان ماٺيي کي چڏيو آهہ وڪٽي،
اسان بيحسن جي بزارن ۾ آهيون!"
ٻُڌين ٿي اڙي دل! ٻڌين ٿي اڙي دل!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ادائون تون نہ جي ڇُھندين

پرين بيتاب جي ٿيندين، هوائون لاش تي ويندين،
سوين ڪتبا نهي پوندا، ڪتائون لاش تي ويندين،
جفا جو هي زمانو آ، پرهہ ۾ پيار تا وڃڙن،
بدن تي زخمہ ڪئين اوڍي وڃن هر بار تا وڃڙن،
وڃيون تنهنجون نہ جي چوڙيون، صدائون لاش تي ويندين،
اکين سان ڪجهہ نہ جي چوندين، هوائون لاش تي ويندين!

ڏسي ڇڏ رات آليءَ جا اشارا تا اڃا سُڏڪن،
سفر خَاموش تي ويو آ، مسافر ڪونہ تا ڀُٽڪن،
دريا کي اُڃ ماريو آ، لهر ڪنهن لوڏ ۾ ناهي،
نڪوري بي چٽي چم چم، چُمين جي ٻوڏ ۾ ناهي،
بهارون تو بہ جي روليون، ڏسائون لاش تي ويندين،
نگاهون تُون نہ جي ڪٽندين، هوائون لاش تي ويندين!

صليبي زرد موسم جي هٿن تي خونُ تازو آ،
ڪميٽپ جي ڪلهن تي ڏس ڪنوارپ جو جنازو آ،
پُسيل محبوب خوابن جا اگهاڙا ڳوٺ سپ آهن،
نراسائي سُتي پئي آ، زبانون نوٽ سپ آهن،
خزائون تو نہ هي روڪيون، وفائون لاش تي ويندين،
ادائون تون نہ جي ڇهندين، هوائون لاش تي ويندين.

مٺي! جي ٿهڪ چوڙيندينءَ قسم تنهنجي نرالپ جو،
سمورا ڦهر ٻوڙيندينءَ، چتائون لاش تي ويندين،
رڳو مايوس جي رهندينءَ، گهٽائون لاش تي ويندين،
ڪلائون لاش تي ويندين، ڀِچائون لاش تي ويندين!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هڪ پَل جي لاءِ!

مجان تو آپسرا آهين،
ستمگر ڄامشوري جي،
ڇڏي تئي ننڊ ٻوڙائي،
هوائن جي هندوري جي!
مجان تو عاشقيون اوتي،
ستارن سان گلابن سان،
ڪنارن سان عقابن سان،
گهڻن ئي دلربا لفظن،
ڇڏيو آ توکي پيٿائي،
ڏنو آ توکي پيٿائي،
مگر آ التجا، جانم!
هينئين تي سنڌ ليٿائي،
ءِ وائيءَ کي پڙهي ڏِس تون!
پٿائيءَ کي پڙهي ڏس تون!
سمونڊي رات جي اُڻ تُڻ،
رکي ڏس پنهنجي سيني ۾،
تصور ڪر دريائن جو،
ڊسمبر جي مهيني ۾،
وڇوڙا تو ڏٺا ناهن!
برن جي درد جي خوشبوءِ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُنگهي ڪنهن رات تو ناهي،
ڪُنواري ماڪ ذلفن تان،
اُگهي ڪنهن رات تو ناهي!
اجايل نوٽ ماڳن تي،
آڪن جا سلسلا ڪيئي،
اُجيارا تو ڏٺا ناهن!
اوپلا لڙڪ ڙائيندا،
ستارا تو ڏٺا ناهن!
ڏيئن سان تون پري ناهين!
ڪيڏارا تو ڏٺا ناهن!
سڏيندي پويان سهٽيءَ کي،
ڪنارا تو ڏٺا ناهن!
پلي تازي گلابن جيئن،
بهارن ۾ ٽڙي ڏس تون!
پلي پرڏيهي لڪتن جي،
حوالن ۾ ڪِڙي ڏس تون!
مگر هڪ پل جي خاطر بس،
هينئين تي سنڌ ليٽائي،
۽ مڪليءَ ۾ گهِڙي ڏس تون!
يا ديبل کي چُمي ڏس تون!
غرورن جا پلي پوءِ،
سبورا حق رکجان تون!
مٽيءَ جي لڄ رکجان تون!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ننڊ پيل ڇوڪريءَ کي ياداشت نامو!

ننڊ ايندي ڏنو،
چنڊ ويندي ڏِنو،
ماڪ جي پهر ۾،
ماٺ جي شهر ۾،
هو صدائن جيان،
جڻ هوائن جيان،
پاڻ کي ئي سڏي،
پير تازا ڇڏي،
تنهنجي پيرن وٽان،
رات ڇيرن وٽان،
ڪو مسافر مَٽيو،
سو مسافر ڦٽيو!
درد ڪافر سڏيو!

وات سنسان کي،
رات حيران کي،
هُن نگاهن ڏٺو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گرم ساهن ڏنو،
وار ڪارا ڪليل،
روپ برڪا جيان،
هير ورڪا جيان،
ڪوڙ ڳالهيون ڪٿي،
آسون آليون ڪٿي،
هو آڪيرن وٽان،
رات پيرن وٽان،
ڪو مسافر مَٿيو!
سو مسافر ڦٿيو!
درد ڪافر سڌيو!

روح رولاڪ جو،
درد بيباڪ جو،
پنڌ ميرو سچو،
ڪانهَ پولي ٻُري،
ڪانهَ چولي چُري،
لفظ سارا سُتل،
ڏور تارا رُنل،
رنگ ميرن وٽان!
ذلف گهيرن وٽان،
ڪو مسافر مَٿيو!
سو مسافر ڦٿيو!
درد ڪافر سَڌيو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# رڳو چٽيو آ...!

رڳو نهارون سڙيون نہ آهن،
سڳي سڳي جو بدن سڙيو آ.
ڪليءَ ڪليءَ جي چُني لٿي آ،
ڇُميءَ ڇُميءَ جو وطن سڙيو آ،
لهوءَ ۾ وهنجي هوا گُهلي آ،
اُداس سَر جي ڪنول ڪنول کي،
نہ شام ڪڏهين ڪِلي ڏنو آ،
نہ صبح ڪنهن جي گلاب ٻولي،
اڪين سان مرڪي مِلي ڏنو آ.
گهٽيون ٿيون جاڻن تہ چانڊنيءَ جي،
بدن ۾ پالو ڪُتو رهيو آ،
تڏهن بہ ڪومل پرين الئہ ڇو،
صدا ۽ سَڏُڪو سُتو رهيو آ،
صدين جي خوشبو ولين ۾ وڪري،
اُداس ڳالهيون ڪندي رهي آ،
غمن جي خوشبو گِهٽين ۾ مُرڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪيون بہ آليون ڪندي رهي آ،
رڳو چٽيو آ رڳو رڙيو آ،
هي ديس منهنجو سچو سڙيو آ،
رڳو نهارون سڙيون نہ آهن،
وڇن وڇن جو ڪفن سڙيو آ،
سمورو منهنجو وطن سڙيو آ،
پڇين ٿي: ”ڇا لئہ اُداس آهين!؟“
پرينءَ جي خوشبو مڃان ٿو تون پي،
هِنئين جي خاطر بهار آهين،
وفا جي ڪومل چمار آهين،
وجود جي لئہ قرار آهين،
مگر ڪجهي ڇا مٽيءَ جي خوشبو،
وڌيڪ توکان حَسين آهي،
اُنهي تي جيسين بہ آ انڌارو،
تيسين تہ موتڻ محال آهي،
شهيد خوابن جو روح اڄ پي،
اسان لئہ ڪوئي سوال آهي!
انهيءَ کي جيڪر پُٺي ڏنيسين،
جيئڻ جو پوءِ ڪو جواز ناهي!
سنڀال پنهنجي پني بدن کي،
متان ڪو آواز ٽورو اربي،
جي ٽورو ان ڏي جُهڪي وياسين،
حياتي بٽجي ڪا گار ويندي،
اسان کي پُلجي بهار ويندي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پلا توکي خبر ڪهڙي!

اُڏين ٿِي عرش تي جانُم! پلا توکي خبر ڪهڙي،
لٿل برسات جي ٿاڌي مڌر ڪاڇي هوائن ۾،
سڳنڌ جو شهر ڪيڏو آ، حُسن جو سحر ڪيڏو آ
گهڙن جي اُڃ کي ساري، گگهن جا گهير سهڪن ٿا،
اکين جي عشق اجري تي نسورو قهر ڪيڏو آ!
اِها توکي خبر ڪهڙي، پلا توکي خبر ڪهڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اگهاڙا پير صحرا ۾ وڃن ٿا دُور جنهن جي لئہ،
اُنهيءَ جي ڳوٺ تي تارا، ٿُٽن ٿا روز راتين ۾،
هوا پازيب ڇمڪائي، ڇُنين جا پاند لوڏي ٿي،
نندڻ جي ڳهرِ اُدڙي ٿي، پون ٿا سُور ڇاتين ۾،
اِها توکي خبر ڪهڙي اِها توکي خبر ڪهڙي!

ڪنڌي ۾ لير اجرڪ جي سِڪايل نيڻ ڪنهن لئہ آ!
نمن جو بُور رستن جي پوي ٿو ڇو نگاهن ۾؟
ڪَتين ڪي جاڳ جا لئہ آ اجايل ڇيٿ ڪنهن لئہ آ
اِها توکي خبر ڪهڙي اِها توکي خبر ڪهڙي،
ڪنوارين ڪي پتائيءَ جو ڇٽيو آ پنهنجي لفظن ۾؟
رلين جا رنگ اوجاڳيل، سڄل ڪنهن لاءِ سِرجايا؟
۽ ڪيڏارا اڇي ڦٽڪيا ڇو آهن پنهنجي نظمن ۾؟
اِها توکي خبر ڪهڙي اِها توکي خبر ڪهڙي!

مٽي تي پير تون رک جئن پتو توکي پوي سانئڻ!
سرءُ جي شام جو چهرو فجر جي ماڪ جا آهي؟
وڇوڙو ڪهڙي آفت آ اندر جو چاڪ جا آهي؟
ڪُنوارن انتظارن جي سفر جي خاڪ جا آهي؟
اسان جي عشق جي وينگس اها توکي خبر ڪهڙي!
اُڏين ٿي عرش تي جانم پلا توکي خبر ڪهڙي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُوال...!

هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ!
ٻُڌاءِ بنا حجاب جي،
اُماس رات جي ندي،
لڳي تي توکي ڪيئن پرين!
اُداس تات جي صدي،
ڇٽي تي تو ۾ ڪيئن پرين!؟
اکين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ،
ٻُڌاءِ، سرءُ جي چاندني،
اچا ڇا تنهنجي ڳوٺ تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لڳي ٿي ڪنهن ڪنول جيان!؟
۽ وار وار جو غزل،
اڃا بہ آ ڪجل جيان!؟
هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ،
ٻڌاءِ بنا نقاب جي،
سنڌوءَ ۾ ٻيڙين جيان،
اکين جا ٻئي ڇپر اڃان،
سنجها جو رنگ تا لڳن!
يا چنڊ جيئن اُداس ٿي،
صدا جو ڏنگ تا لڳن!
ٻُڌاءِ ڪُليل ڪتاب ٿي،
هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ،
اڃا بہ تنهنجي چيچ کي،
اُهو ئي گهرگهلو ڇلو،
چُمي ٿو روز شام جو،
ڇا تر ڳٽي جو ڪارڙو،
چُپي ٿو روز شام جو!
هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ،
آسُر جو آرسُون پچي،
اچي ٿو ياد ڪو اڃان!
ڇا هير جو ڳگهو ڇُهي،
اُتي ٿو درد ڪو ڪتان!؟
ٻُڌا، ٻُڌا، پرين ٻُڌاءِ،
هينئين تي هٿ رکي ٻُڌاءِ!؟

# ڏوهاري وڏو ڪير!؟

سچائيءَ جي بُت سان ملهايون ٿا ياري!
ميون ٿا اسان يي تہ آهيون ڏوهاري!
گلن جا فسانا چپن تي رکون ٿا،
حُسن جا ترانا پنن تي لکون ٿا،
پرينءَ جي پگهر کي چِپُن تي رکون ٿا،
چُمين جي وِڳر کي ڳِلن تي رکون ٿا،
ميون ٿا اسان يي ڪي آهيون ڏوهاري!
اَکن تي لکون ٿا، نڪن تي لکون ٿا،
ڏَڪن تي، ترِن تي، چَڪن تي لکون ٿا،
ڏراڙن جي دلبر هٿن تي لکون ٿا،
ترين جي بولن، نٿن تي لکون ٿا،
رلين تي لکون ٿا، دلين تي لکون ٿا،
وچوڙن ۾ ڇُوڙين ڊِلين تي لکون ٿا،
بدن تي لکون ٿا، چڳن تي لکون ٿا،
نراڙن تي اُبريل رڳُن تي لکون ٿا،
پکن تي لکون ٿا، ڪکن تي لکون ٿا،
دريائن تي پاتل اکن تي لکون ٿا،
ٽڙڻ تي لکون ٿا، چٽڻ تي لکون ٿا،
ٽڏا ساھ ڪنهن جا پرڻ تي لکون ٿا،
ترن تي، ٻَرن تي، دڙن تي لکون ٿا،
ڪنوارين جي ڪورن گهڙن تي لکون ٿا،
چڙن تي لکون ٿا، پَڙن تي لکون ٿا،


Scanned with CamScanner

عذابن جي لڏندڙ ڪَڙن تي لکون تا،
لچارين جي ڳاڙهن وڳن تي لکون تا،
پراڻن جي پوٺن، دڳن تي لکون تا،
چُمين تي لکون تا، اکين تي لکون تا،
امڙ سنڌ جي هِن صدين تي لکون تا،
مجون تا، مجون تا تہ آهيون ڏوهاري،
سيئي ڏوهہ پنهنجا مجون تا مجون تا!
مگر هو سماجن جا رکوال رهزن!
شرافت جا برقعا جي پائي گهمن تا،
اُنهن جي بہ ناهي اگهاڙپ لکل ڪا،
اکيون کولي تن جا بہ ڪرتوت توريو،
جي راتين ۾ چاتين تي ڏاڙا هڻن تا،
پکين جي بہ لاتين تي ڏاڙا هڻن تا،
بزارون شبابن جون کولي ويهن تا،
نياڻين جي چيچن کي وڪڻي کڏن تا،
زبانن تي پهرا وڌائي ڪُهن تا،
گلابن کي ٽاندن تي لاهي ٽُڪن تا،
ڌرم جي چُرن سان حياتيون لُٽن تا،
هوائون لُٽنِ تا، ڪلائون گهُٽنِ تا،
ادائن جي چانئن کي ماري وجهن تا،
صدائن جي مائن کي باري ڪِلن تا!
انهن کي اسان کي بيهاري گهٽين ۾،
اڙي منصفو! پوءِ ڪيو فيصلو ڪو،
وڏو ڪير آهي ڏوهاري اسان مان!؟

# يادن ۾ ڇڻي تنهائي آ!

ڇا ڇا نہ ڏٺو آ راهُن ۾!
صحرا تي ستارن جون جهاتيون،
ڪينجهر جي ڪنارن تي راتيون،
سنڌوءَ تي ٽيهريءَ جا تجلا،
چوڙين جون صدائون ڪي آتيون،
خوشبوءِ جي بدن جهڙا جلوا،
آواز ڦلاريل تارين جا،
ٽولا ڪي اُڏاريل آرين جا،
ڇا ڇا نہ اکين گهُوريو آهي!
جنهن راز نئون پُوريو آهي!
ڇا ڇا نہ ٿيو محسوس آهي،

چھرن تي نقابن جا ڪتبا،
پنڇين جي اکين ۾ غم آهي!
زلفن تي اداسيءَ جي هُرڪُر!
هردل ۾ رهيو ماتم آهي!
نيڻن ڪي مليون چانئون ناهن،
خوابن ۾ رهيو ئي دم ناهي!
اهڙو نہ رهيو آ ڪو ڏوليا!
هن دل ڪي مليو جو غم ناهي!
سوچن جي گلابن جي هستي،
راهن ۾ رُلي اُجڙي آهي!
بي درد هوائن جي مستي،
يادن ۾ گهُلي وچڙي آهي!
پھرن ۾ ملي خوشبوءِ ناهي،
بارش تہ اُني آ پھڻن تي،
شھرن ۾ کِلي خوشبوءِ ناهي!
بيزار گذاريل شامن جا،
اسرار لڳا بنجر آهن،
ڪي روپ تصور ۾ آيل،
هر بار لڳا خنجر آهن،
رستن تي رُني تنهائي آ،
يادن ۾ چيٽي تنهائي آ!
بس هُوءَ نہ ملي آ ٻانهُن ۾!
چا چا نہ مليو آ راهُن ۾!
چا چا نہ ڏنو آ راهُن ۾!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڳهرام مانا!

هي فلسطيني مٽيءَ جو درد آ،
پير ٿئنڪن جا تہ ڪو روڪي نٿو،
روز دونهون تو ڇهي آڪاس کي،
گل امن جا پوءِ بہ ڪو پوکي نٿو!
خون ۾ آهي هي 'رَمَلا' اڄ ٻڏل،
ڪوڙ گوليون ٿيون رُلن رستن مٿي،
ننڍ جو ناهي بدن هاڻي ڪٽي،
چانڊني جو آهہ اڄ پوپٽ ڪَٽل،
ٿهڪڙن جو ڪالهہ جا ڇٽڪو هئي،
هاڻ هڪڙي آهي ٻڌجي وئي قبر!
سرد پاڇو موت جو ڊوڙي اچي،
ويو ڪنيي 'ڳهرام مانا' جو بدن،
هوءَ فرشتن وانگيان ننڍڙي پري،
ٿي وئي آ ياد جي هڪڙي ڳهر!
هوءَ اڃا لفظن جي ڳولا ۾ هئي،
لفظ، جيڪي ڪانہَ هوءَ چاڻي سگهي،
بس رڳو هوءَ زندگي چاڻي سگهي،
لڙڪ هُن جي ماءُ جو ڪوئي ڇٽيل،
ڪنهن بہ ايجنڊا جو قصو ڪونہ ٿيو،
ساهہ مُنجهندڙ نينگريءَ جو ڪو ڪفن،
ڪنهن بہ ناول جو تہ حصو ڪونہ ٿيو!
ها مگر تاريخ کي آهي خبر،
هاڻ هوءَ ناهي رهي هڪڙي قبر،
هوءَ وطن جي دانهن ڪائي زرد آ،
هوءَ فلسطيني مٽيءَ جو درد آ!

❖

• 14 مهينن جي 'ڳهرام مانا' فلسطيني ٻارڙي، جيڪا اسرائيلي فوج جي شيلنگ ۾، ساهہ منجهڻ سبب فوت ٿي وئي، 26 سيپٽمبر 2002ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تون رڳو محسوس ڪر!

تون رڳو محسوس ڪر!
هِن ڪميٽي شور ۾،
سَڌ ڪنهن جو ڪير آ؟
ڪنهن ۾ آهي دلبري؟
ڪنهن ۾ تورو ٿير آ؟
ڪنهن جي آ خوشبو رُني؟
ڪير آ بارش جيان؟
ڪير تو ساحل تَڪي؟
ڪير آ وڇڙيو ڪٿان؟
ڪنهن کي ڳولِن تا سفر؟
تون رڳو محسوس ڪر!
وحشتن جي واءُ ۾،
ڪيترا آهن گلاب؟
ڪيتريون آهن ڪليون؟
ڪيترا آهن عقاب؟
ڪيئن ٿيون پٽڪن چُميون؟
ڪيئن تا روئن حجاب؟
ڪيتري آهي جُدائي؟
ڪيترا آهن عذاب؟
ڪنهن مٿان آهي خنجر؟
تون رڳو محسوس ڪر!
چو، دريا آهي سُتل؟
ڪونہ تا جهومن ڪنول،
ڪا درين ۾ ماٺ آ،
سڀ رُنل آهن غزل!

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونهِ تي جهانجهر وڄي،
رنگ سڀ آهن تڪل،
درد جو چيڙو نہ آ،
زنگ ذهنن تي لڳل،
خواب آهن دربدر،
تون رڳو محسوس ڪر!
جاڳ ڪي ڪا آڳ آهي،
پير جيڪو ڀي ڪجي تو،
عاشقيءَ جو ماڳ آهي!
زندگي ڪو چاڳ ناهي!
هن اگهاڙن دورخن ۾،
ڪهڙيءَ دل ۾ داڳ ناهي؟
روح ۾ ڪو آهہ ٻر،
تون رڳو محسوس ڪر!
چانڊنيءَ ڪي پير آهن،
هر گلابي ساحريءَ ڪي،
ريشمي ڪي پير آهن!
جيڪي دل جي ڇانورن جو،
سانورو ڪو ٺهڪ آهن،
ڪوبہ چاٺي ٿي نتو،
ڪيڏا دل تي ڇهڪ آهن،
پيا ڪڇن ڪيڏا پٽر؟
ننڊ مان ڇوڙي اکيون،
ڏور ڦهلائي نظر،
تُون اِهو محسوس ڪر!
تُون رَڳو محسوس ڪر!

# سمجھ ۾ سو نٿو اچي!

گلاب - رُت، گلاب - پَل،
ڪٿي - ڪجي، ڪجي تہ ڇا؟
ٻُڌايو ڪجھ اوھين ڀلا،
تہ مانَ ڪي سنڀالجي،
يا تات ڪي سنڀالجي،
وڃي ٿي روح ۾ چُڀي،
ڪيئن رات ڪي سنڀالجي؟
عجب اوھان جو آ ملڻ،
ڪڏھن ٿا ڪجھ چيو وڃو!

sourhsindhiadab

ڪڏهن گلاب ڏئي ڪڏهن،
پٽر تا ڪو هنيو وجهو!
هي خواب خواب جو بدن،
رُلي اگهاڙو ٿيو وڃي،
جڏهن تڙي تِي مهڪ ڪا،
غضب ڏهاڙو ٿيو وڃي،
وڃي ٿو شام جو پهر،
اُداس سار ڪا ڏئي،
تڪل ستارا رات جا،
وڃن تا ڳالهه ڪا چئي،
ائين گهڙين جي آرسي،
وڃي ٿي چُور چُور ٿي،
ائين مٿر هي چاندني،
چٽي ٿِي ڀُور ڀُور ٿِي،
ڪڏهن اچو تا عشق ٿي،
ڪڏهن وڃو تا خواب ٿي،
ڪڏهن ملو تا خار ٿِي،
ڪڏهن ڏسو تا آب ٿِي،
سو سمجهه ۾ نٿو اچي،
تہ خال ڪي سنيالجي،
يا حال ڪي سنيالجي؟
وڃي پيو درد ٿيو سچو،
ڪيئن سال ڪي سنيالجي؟

◆

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## ڪيئن اڇان پلا؟

اڇان تہ ڪيئن اڇان پلا؟
ڳهر ۾ تنهنجو ڳوٺ آ،
ڏڳن ۾ دلبريون ڪٺل،
ڇپن جو روپ نوٽ آ،
وٽن جي ڇانءَ ڇانءَ جو،
پَنو پَنو نراس آ،
ڇَني ڇَني ۾ سوڳ ڪو،
ٻَنو ٻَنو اُداس آ،
هوائون بي خيال ٿِي،
ڏين ٿيون ٿهڪ ڪوڪلا،
اڇان تہ ڪيئن اڇان پَلا!

اڪيلي روح جي مٿان،
اڇا تہ ڪا ڪَتي نہ آ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زخم زخم جي دلبري،
اڃا تہ دل ڪَٽي نہ آ.
اڃا تہ ڏنڌ جو سفر،
صليب هر تهار آ،
گلاب ڪيئن ٽڙي ڪٽي!؟
جلاوطن بهار آ،
اڃا تہ واٽ واٽ تي،

ملن تا درد دادلا!
اڄان تہ ڪيئن اڄان پلا!؟
عداوتن جي شام آ،
چون ٿا تو بہ ماٺ ڪئي،
رکي ڇڏيو آ چاهہ ۾!
اڃاتي ڪنهن حجاب ڪي،
ٻَڌي ڇڏيو آ ساهہ ۾،
يقين ئي نتو اچي،
تہ ڇير تنهنجيءَ جو سفر،
ڪِٽي بہ هاڻ ڪونہ آ!
اڪيلا زلف ٿا رهن،
سگهي بہ ساڻ ڪونہ آ!
چوي ٿي تات روح جي،
رکين ٿي تون بہ فاصلا!
اڄان تہ ڪيئن اڄان پلا!؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اُهو هينئون...!

اُهو هينئون ڪيئن سُڪون سُمهندو!
جنهن تنهنجي پلڪن جي ڇانورن ۾،
لِڪي، سُمهي ۽ ٺري ڏٺو آ،
۽ تنهنجي زلفن جي ڀاڪرن ۾،
ٻُڏي لُڏي ۽ مَري ڏٺو آ،
اُهو هينئون ڪيئن اڪيلو ڪِلندو!؟

sochrisindhiadab


Scanned with CamScanner

جنهن تنهنجي خوشبو سندي بدن کي،
حيا ۾ ٻانهون ٻُڌي، وڌيون هِن!
جنهن تنهنجي نيڻن جي دلبريءَ سان،
ڪُنواريون لاتئون لِڪي لَڌيون هِن!
وجود جو هر صُبح ڪنوارو،
جنهن تنهنجي نالي ڪري ڇڏيو آ،
جنهن تنهنجي ساهن جي سلسلن جي،
بدن حوالي ڪري ڇڏيو آ،
اُهو هينئون ڪيئن گلاب لڳندو!؟
اڃا به اُن کي اگهاڙيون راتيون،
خنجر اگهاڙا هٽي وڃن ٿيون،
اڃا به اُن تي خزائون رولو،
سواءِ تنهنجي ڇٽي وڃن ٿيون،
اڃا به ڪيئي ستارا گُم سُم،
عجيب چترون ڪري وڃن ٿا،
اڃا به اڻ کُٽ اشارا پاڳل،
اُداسي اُن ۾ ڀري وڃن ٿا،
رفاقتن جي چُني گلابي،
اڃا به اُن لئه حَسين آهي،
تون پير موڙي ضرور ايندين،
اڃا به جنهن کي يقين آهي،
اُهو هينئون ڪيئن سُڪون سُمهندو؟
اُهو هينئون ڪيئن اڪيلو کِلندو؟

## سارا...!

(اردو شاعره ’ساره شگفتا‘ جي نالي)

سارا! سوڳ اهو ئي ناهي،
جو ماڻهوءَ جي مٽي ساري،
روز غمن جي ڏوڙ ٿئي ٿي،
شيشي جهڙي پوءِ بہ حقيقت،
روز گهڻين ۾ ڪوڙ ٿئي ٿي!
سارا! سوڳ اِهو ئي ناهي،
جو وشواسن جي چادر تي،
ڪيئي ڪوجها پير پون ٿا،
پنهنجي پنهنجي وياڪلتا ڪي،
دک جا رُهندا روز لڳن ٿا!
روز جيئون ٿا، روز مَرون ٿا،
پوءِ بہ پرتي ويندي ويندي،
ڪنهنجي سڏ تي نيٺ وَرون ٿا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سارا! سوڳ اِهو يي ناهي،
جو ڇهرن جي بيحس موسم،
دل ۾ ڪاوا روز هڻي ٿي،
پنهنجي چاهت جي ڪا خوشبو،
اوجاڳن جا پيـر ڪٽي ٿي،
سارا! سوڳ اهو يي ناهي،
روز ڪُتن جون گاريون ڪيئي،
پنهنجي چنڊ جي ڪڍ اچن ٿيون،
پنهنجي من جا ڪپڙا لاهي،
اونداهيون هر بار وڃن ٿيون،
سارا! سوڳ اهو يي ناهي،
چاهت ٿِي تڪرار وڃي ٿي،
بيحِس ذهن جي بُچڙائي،
خوشبوءَ ڪي هر بار پيچي ٿِي!
سارا! ها پر سچ اهو ٿئي،
تنهنجي رَت جو ڳاڙهو نقشو،
هڪڙو سوڳ انوکو آهي،
جنهن جي اندر جو هر ليکو،
خالي هڪڙو ليکو ناهي،
اُن جي اندر جي هر آهٽ،
وقت جي مُنهن تي پوندو آهي!
جنهن کي ڪائي وحشت ڊاهي!
ها سارا! سو ممڪن ناهي،
ممڪن ناهي، ممڪن ناهي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دلدل جي راتين ۾!

تو ۾ سورج راز پري ٿو،
ڇُلندڙ ڪا جڻ چولي آهين!
تنهنجي ڳولا خواب ڪري ٿو،
سارنگ جي جڻ ٻولي آهين!
جڻ تہ پِرهہ ٿي تو ۾ ڳهاري،
تارو تارو توکي ساري!
مُشڪڻ تنهنجو صحرا ۾ جڻ،

soorhisindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو وڇڙارو ڏيئو ٻاري،
تون اُن وستيءَ جي دل آهين،
جنهن ۾ ڪارا نانگ رهن ٿا،
زهر گسن ۾ پنڌ ڪري ٿو،
ڪويل جا احساس سڙن ٿا،
موسم موسم مُرلي آهي،
وقت ڪان اڳ ۾ ڦول چٽن ٿا،
تنهنجا ڪارا نيڻ ننڊا ڪا،
ساموندين جا سڏ لڳن ٿا،
تون هن دلدل جي راتين ۾،
چانڊوڪين کي ونگ وجهين ٿي،
اُڀ جي هيٺان عشق ٻري ٿو،
سينن جو ٿي سُور اُٿين ٿِي،
ڪنهن پنڇيءَ جي ٻاڇي جهڙي،
هِن نگري جو وارث ناهي،
پوءِ بہ اُنهيءَ ۾ تنهنجو هرڪو،
جادوءَ جهڙو آرس آهي!
اک ٿي چاهي دِل ٿي چاهي،
هر مکڙيءَ جي ڪِل ٿِي چاهي،
وحشت جي هِن مُنهن ڪاري ٿي،
پوندو تنهنجو پير رهي شل!
هِن رستن جي ويرانيءَ ۾،
وڄندي تنهنجي ڇير رهي شل!!

# تو ياد ڪيو آهي!

سنڌوءَ جي مٿان سانجهي،
تارن سان لٿي آهي،
خوشبو ڪا صدائن جي،
پارن سان لٿي آهي،
گهر گهر جي اندر جانان!
ڏيئو بہ ٻريو آهي،
ڪي وار ڏکڻا ساري،
ڪو درد وريو آهي.
ڪنهن پنهنجي نگاهن ۾،
چهرو ڪو ٻکيو آهي،
ڪنهن بيت پڻائيءَ جو،
چپڙن تي رکيو آهي،

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

ڪنهن اُڏندڙ پنڇيءَ کي،
بندوق چڪيو آهي،
بي خواب هوا ڳولي،
پاڪر ۾ پريو آهي،
ڪونجن جو قسم جانان!
پئي دل تي اهو پانئي،
تو ياد ڪيو آهي!
هڪ پيار اڌوري جي،
خوشبو پئي ٽڙي آهي!
هر بار دنيا جنهن تي،
بي سبب چڙي آهي،
جنهن لاءِ اکين پنهنجو،
هر خواب لُٽايو آ،
ڪنهن درد جي پاڪر ۾،
ڪو پهر ڪٽايو آ،
موسم جي چريائيءَ کي،
تَنهن جو نه پتو آهي،
اُلڪن جي ادائن کي،
پنهنجو ئي نشو آهي!
محبوب نگاهن سان،
آڪاش ڏٺو آهي،
ٻُوندن جو قسم جانان!
پئي دل تي اهو پانئي،
تو ياد ڪيو آهي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نقابن نہ ڇاتا!

نہ ڇاتا، نہ ڇاتا خزائن نہ ڇاتا!
اکين جا انديشا هوائن نہ ڇاتا!
سُڪل هِن مٽي تي هئا پير پنهنجا،
عجب آ اُهي پي پُڇائن نہ ڇاتا!
ڪٿي ميت وڇڙيا، ڪٿي گيت اُجڙيا،
ڇَپن جي وڃايل دعائن نہ ڇاتا!
اسان جي هٿن ۾ هئا گُل گلابي،
الئہ ڇو اوهان جي نگاهن نہ ڇاتا!
رڳو دل جي حصي ۾ آيون اُداسيون،
نظر جي سفر کي وڪوڙيو انڌيرن،
تڏي ڇانءِ اغوا ٿي جانان ڪهي وئي،
ڪيو رُت تتيءَ ۾ رڳو پنڌ پيرن!

soomsindhiadab

لٽيون سرد شامون، ائين ئي گهٽين ۾،
ڇُپيون زرد لامون، ائين ئي اکين ۾،
لڳي پياس ڪنهن جي چپن جي جڏهن،
ته ممنوع موسم ڇڏيو روح پيلي،
مليون ڪونه نظرون، مليا ڪونه سينا،
وڇوڙن ۾ گهاريو اميدن اڪيلي،
رهيا خواب ڪيڏا اکين جا اڪيلا،
ورانڌن ۾ بيٺل جوانين نه ڄاتا،
هتن منجهه پاتل نشانين نه ڄاتا!
ڪڙو سچ ساڳيو اڃا آ اِهوئي،
هينئين تي لٿا جي بدن ۾ رهيا جي،
اُهي درد سارا، ستارن نه ڄاتا!
خُماريل اکين سان بهارن نه ڄاتا!
هجومن ۾ هوندي به خوشبو نه آئي،
ادائن جا هُر ڪُر وئي روپ ڪائي،
نه ڇوڙين نياپا، نه مُرڪن جياپا،
صدائن ۾ سوڳها رهيا سپ لِياڪا!
ڀنل خواب پنهنجا ٻُڌايون ته ڇا ڇا؟
قسم سان ڪي ٽڙندڙ گلابن نه ڄاتا!
حيائن ۾ ويڙهيل، حجابن نه ڄاتا!
عذابن جي رڻ ۾ ٻريل ٻول ڏوليا،
نه ڄاتا، نه ڄاتا، نقابن نه ڄاتا!
ڀُسيل پيار پنهنجا، ڪتابن نه ڄاتا!
نه ڄاتا، نه ڄاتا، عقابن نه ڄاتا!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اُتي ٿو ساريان....

پٽين جي پويان لهي ٿو سورج،
وڃي ٿو هر پل ائين ٿي ميرو.
نهار هر ڪا دُکي پوي ٿي،
وڃي ٿو يادن جو جڪڙي گهيرو،
اُتي جو ٿو هَر پٿر نهاريان،
جتي نہ ڪنهن جو لڳي ٿو پيرو،
پرين! مان توکي اُتي ٿو ساريان،
جتي نہ آهي ڪو جُهنڊ نيرو،
نہ لهر ڪائي، نہ سمنڊ نِيرو،
نہ اُڀ سمورو اچي نظر ٿو،
نہ چنڊ چهري جو گُهنڊ نِيرو،
نہ ڪنهن بہ پايل جو ساز آهي،

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪي حُسن جو ڪو ناز آهي،
جتي جي رستن کي ناهه منزل،
عجب گهڙين جو انداز آهي،
زخم زخم جي زبان آلي،
نه ڪنهن به رُت کي نظر اچي ٿي،
گلاب دل جي ادا نرالي،
سدا جي اُس کي ڪلي تڪي ٿي،
جتي گهمي ٿي بهار آتي،
پرين! مان توکي اُتي ٿو ساريان،
جتي سَنجها جي هوا ڪُنواري،
نراس اُڻ تُڻ ڇڏي وڃي ٿي،
ڪڏهن خوشيءَ جا خمار اربي،
ڪڏهن غمن ۾ گڏي وڃي ٿي،
ڪڏهن ته تنهنجي بدن جي خوشبو،
نراس سانجهيءَ منجهان اچي ٿي،
ڪڏهن ته تنهنجي حيا جي هُر ڪر،
جهڙالي آڌيءَ منجهان ڦٽي ٿي،
صبح جو تازو بهار - چهرو،
ڏکهو وڇوڙو ڪٽي اُتي ٿو،
۽ قيد اکين جو جهان سارو،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ عجب لڳي ٿو،
جتي ڇٽي ٿِي بهار آتي،
پرين مان توکي اتي ٿو ساريان!

❖

(سينٽرل جيل حيدرآباد)

# لاڙ جي جڻ بهار آهين!

جڏهن ڪجل تو وجهي اکين ۾.
نهاري ڪنهن ڪي ڪلي ڇڏيو آ.
تہ ڄامشورو لُڏي ويو آ،
مليو پيو آهي پتو نہ ڪنهن جو!
زمانو تو ۾ ٻُڏي ويو آ،
رڳو اِهوئي تہ ڄاڻان بَس مان

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ستارا جيڪي ٽُٽا امبر مان،
انهن مان تنهنجو بدن ٺهيو آ،
چپن تي تنهنجي گُلابي موسم،
اکين ۾ تنهنجي غزل رهيو آ،
هوا بہ توکان سکي آ ماڻا،
سِندو بہ، توکان هلڻ سکيو آ،
تون شاعريءَ جو ردم بہ آهين،
للاٽ تُنهنجو اُتي جو منظر،
قسم سان ڪورو ڪو نظم آهين،
تون لاڙ جي جڻ بهار آهين!
اُتر آ تنهنجي بدن جو پاڇو،
مِنيءَ تي تون جڻ ملهار آهين،
تو ننڊ پيلي ڇڏي گُلن جي،
الئہ ڇو توکي پتو نہ آهي!
مسافرن کي ڇڏيو تو گهائي،
تو دل اڪيلي ڇڏي هُلن جي!
تو شاعرن کي ڇڏيو مُنجهائي،
اداس موسم جي پاڪرن ۾،
حُسن جو ڪومل ڪو منڊ آهين،
لڳي تو سنڌ جو ڪو چنڊ آهين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪُنواري ساک سرجي پَئي!

نئين تاريخ لکجي پئي،
حصو تنهنجو نہ رهجي ڪو،
هوائن کي بُذائي ڇڏ،
قصو تنهنجو نہ رهجي ڪو!

رڳن ۾ ڳالهہ جيڪا آ،
ستارن کي سُڻائي ڇڏ!
بدن ۾ آگ جيڪا آ،
ڪنارن تي وڇائي ڇڏ!

soorihsindhiadab

مٽيءَ تي ماڪ تازي آ،
رُڪي آ سنڌ جي موسم،
هوائون سڀ ڪفن اوڍيل،
دُکي آ جند جي موسم.

طنبورا ڪونہ ٿا ٽُٽڪن،
ٿهر ۾ عاشقي آهي،
ٿُڻن ٿا مَن گهڙن وانگر،
سفر ۾ چاندني ناهي!

ڍڪي چنڊ هِن اُداسيءَ کي،
ڪيڏارو تي لڳي سانئڻ!
خموشي آ ڪفر جهڙي،
ڪنارو تي لڳي سانئڻ!

پري چنڊ باک نيڻن ۾،
متان خوشبوءِ ٻُڌي سانئڻ!
قصو ڪومل وفائن جو،
صليبن تي پُڄي سانئڻ!

ڪُنواري ساک سِرجي پئي،
وڇوڙو ڇو ٿجي آخر؟
نئين تاريخ لکجي پئي،
ڪو ڳوڙهو ڇو ٿجي آخر؟

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دودا توکي سنڌ سڏي ٿي!

دودا توکي سنڌ سڏي ٿي،
تنهنجي شهپر جهڙو سِنڌو،
روز لهي ٿو، روز مَري ٿو!
لاڙ صدا جي لُنگي اوڍي،
بي ترتيبا ساهه ڀَري ٿو،
ڪارونجهر تي چانڊوڪيءَ جي،
اجرڪ ڏاڍي آتي آهي،
ڪينجهر جو هر ڪنول اُجايل،
زخمي ڇاتي ڇاتي آهي،
ڊوليا تو لئه رات تَڪي ٿِي،
دودا توکي سنڌ سَڏي ٿي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مَن مَن جي آ منچر ماڻي!
چِڳُ چِڳُ چيڙون چيڙون آهن،
لالي، ياڳي، گُل جون پوتيون،
ڏس تون ليڙون ليڙون آهن!
سُڏڪو سُڏڪو مڪليءَ جهڙو،
وڻ وڻ ۾ پي لاش ٽنگيل آ،
ڏڻ ڏڻ تي اُنارَ وراڪا
چير زنگيل ۽ پير ونگيل آ،
سانجهي تو لئہ پير ڪٽي ٿي،
دودا توکي سنڌ سڏي ٿي!

هرٽيءَ هرٽيءَ جي ڏس پويان،
رول شڪاري روز ڊُڪي ٿو،
آگر آگر اُرهہ قلهوري،
چهرو چهرو رَت ٽُڪي ٿو،
موسم موسم اُس جو پاڇو،
گُل گُل جو بيتاب گگهو آ،
باغي باغي سنگهر سوگهو،
خوشبوءَ جو احساس اگهو آ،
سُڏڪا ٿِي پريات چٽي ٿي،
دودا توکي سنڌ سَڏي ٿي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## نہ ننڊ ڏي ٿو...

پلي نہ ڪورو گلاب ڏي ٿو،
ڪڏهن تہ ٿورو جواب ڏي ٿو،
گهٽو ئي پٽڪيا رٽن ۾ آهيون،
اي وقت ٿورو حساب ڏي ٿو!

گهڙين اسان کي غلام ٿاهيو،
صبح هٿاسين، تہ شام ٿاهيو،
لهو اسان جي کي سستو سمجهي،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ تہ عام ٿاهيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڏهن اسان جو پنيور پيليو،
ڪڏهن اسان جو ننگر جَلاٽو،
ڪڏهن اسان جي ڪراچي اُجڙي،
ڪڏهن اسان جو سکر ڏَڪاٽو.

رڳو اسان جون چُنيون چِڪاٽيون،
رڳو اسان جون چُميون ڏِڪاٽيون،
اداس ٻالڪ سڙيا اسان جا،
رڳو اسان جون رُنيون نياڻيون!

اسان کي خانہ بدوش وانگر
نئين ستم جي عقاب تاڙيو،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ عذاب آڻي،
نَون نظامن اسان کي ساڙيو!

نہ ننڊ ڏي ٿون، نہ خواب ڏي ٿون،
پلي نہ ڪائي بهار ڏي ٿون،
مگر اسان جو سنڌو سُڪائي،
نئين اسان کي نہ گارِ ڏي ٿون!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پکين جي اکين جا پُڇاڻا!

نہ ڪو تنگ رستن جو چيڙو لڏوسين،
نہ ڪنهن ڀي گهٽيءَ ۾ گڏياسين اوهان سان،
نڪي سانجهڙين جي ستارن نهاريو،
نڪي چنڊ آرپيو نياپو چپن مان،
نہ ڪا بارشن ۾ ڪئي دلربائي،
نہ ڪي دل جي پيڙي لڳي ڪنهن ڪناري،
رهي رات سنگدل اکين ئي عذابي،
سرءُ جي پکن ۾ جڏيوسين گذاري،
ڏسي ماڻ رڻ ڪچ ٿيو روح سارو،
هلي سار آئي اگهاڙي مٿي سان،
بهارن جي پٽڪيل سڳنڌ ڪنهن پُراڻيءَ،
چڏي آس رولي سدا سچ لٽي سان،
اڙي ميت! تنهنجي چپن جو قسم آ،
ترارن تي پنهنجا هليا پيار آهن،
تڏهن ڀي ذهن جي ڪُليل آڱرين ۾،
رهيا تنهنجا وڪريل سدا وار آهن،
پکين جي اکين ڪان پُڇاڻا ڪري ڏس!
اسان توڪي دل تان نہ لاٿو ڪڏهن آ،
جڏهن ڀي گهٽائن ڪيا ميڙ آهن،
اسان تنهنجي نيڻن کي ساريو تڏهن آ.


Scanned with CamScanner

# لاچان جت....!

لاچان جَت جا پير ڪٽي چڻ،
ساگر ڪا اُچنگار ڏني آ،
"مارو" تي پڙپانگ ويو آ،
قبرن تي مانار رُني آ،
قبرون جن جي پويان هڪڙي،
خوشبوءَ جي تاريخ رهي آ،
سمنڊ اُنهيءَ جي ڳولا ۾ چڻ،
ڪا تاريخي چيخ ڪئي آ،
لاڙي موسم جهڙي لاچان،
لاڙ اکين ۾ اوڊي سارو،
ساموندين جا مَن تڙپايا،
لهرون لهرون ڪاڪُل چوڙي،
وڻجارن جا تَن تڙپايا،
لاچان جنهن کي چندَ اُجايل،
آڏين جا اسرار ٻُڌايا،
تيڙن جنهن لئه تِمڪي تِمڪي،
اڻپورا اظهار وڃايا،
جنهن کي لاڙي شام گلابي،
بارش ۾ هر بار ڪلايو،
سورج هُن جا ٿهڪ سنيالي،
من ۾ ڪوئي مور نچايو،
هُن جي اک جو ڪارو سُرمو،


Scanned with CamScanner

قيامت جي عنوان جيان هو،
ساحل جهڙو نَڪ ۾ ڪوڪو،
اوپر جي طوفان جيان هو،
لاڄان، جنهن جا نيڻ ڪنوارا،
جنهن تي هِرڪيا ڪيئي تارا،
ها پر جاتي شاهد آهي،
ڄاتي ڄاتي شاهد آهي،
ڪونہ هئي ڪا آڪ جي ڦُلڙي،
هوءَ تہ هُئي بس سپني جهڙي،
هُن جو جوڀن ڇاڙهہ سمنڊ جو،
هُن جي هاڻي پاڇو سنڌ جو،
جنهن تي ڪا جنگاڻ مَتي هُئي،
مٿيءَ تي ڳاڙهاڻ لَٿي هئي،
”مارو“ ان جو ساکي آهي،
توڙي اڄ هوءَ لاڄان ناهي،
پوءِ بہ اُنهي جا پير ڪٿي اڄ.
سمنڊ وڏي گجگوڙ ڪئي آ،
لاڄان جت جي خوشبو بيهر،
جاتيءَ پاسي ڊوڙ ڪئي آ.

❖

* ٺٽي ضلعي جي جاتي شهر کان 35 ڪلو ميٽر پري ”مارو“ جو تاريخي قبرستان آهي، ”لاڄان جتڻ“ ٽالپرن جي صاحبيءَ جي بيحد حسين نينگري هئي، جنهن جي سڱَ گهرڻ تان جتن ۽ چانگن ۾ ويڙهہ ٿي هئي، ويڙهہ ۾ سوين ماڻهو قتل ٿيا، جن کي مارو قبرستان ۾ اجتماعي قبرن ۾ دفنايو ويو. هن ويڙهہ ۾ ٻار ۽ عورتون بہ قتل ٿيا هئا. جولاءِ 2002ع ۾ سمنڊ جي ويرن جي ڇاڙهہ اهو تاريخي قبرستان تباهہ ڪيو، تہ ڪيترن لاشن جا هڏا ٻاهر پکڙجي ويا!

# ڪتاب لڪجي!

چوي ٿي دل کو ڪتاب لِڪجي،
اُنهن اکين جي خمار تي کو،
پرين اکين جي نهار کي کو.
بهار رُت جو گلاب لکجي،
چوي ٿي دل کو ڪتاب لکجي!
۽ لکجي اُن جي پني پني تي،
ڪنهن نرتڪي رُت سندي ڪهاڻي!
يا لکجي ڪوئي غزل گلابي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پکيءَ پکيءَ جي اُڏار جنهن ۾،
گهڙيءَ گهڙيءَ جو قرار جنهن ۾،
نهار جنهن ڪي عقاب لِکجي،
اُنهن اکين تي ڪتاب لَکجي!
جَنين جي هرپل لڄاري ٻولي،
نديءَ جي تن جو نياپو آهي،
اُداس مَن جو جياپو آهي،
اُهي اکيون جن اسان کي ٻوڙيو،
عجيب سا خودڪشي اسان جي،
تاريخ جو جڻ ڪو باب آهي،
اُنهن اکين جي اجا درين مان.
تتي هوا جي صدا اچي ٿي،
لڳي ٿو سنڌڙي گهٽائون ٿي وئي،
گهڙيءَ گهڙيءَ پئي گهٽا نچي ٿي،
گلي گلي آ پُڇائون ٿي وئي،
اُنهن اکين جي چَپي چپي تي،
چُميءَ چُميءَ جو گلاب رکجي،
اُنهن اکين کي ڪو خواب لکجي،
چوي ٿِي دل ڪو ڪتاب لِکجي!

❖

# ستارا تو لئہ جُهڪي رهيا هِن،

وري اُتر جون عجيب اوتون،
سڏن ٿيون توکي،
وري بہ آءُ، وري بہ آءُ!

اجا وٽن تي پکين جون ڪيئي،
عبادتون چڙ سُرن ۾ آهن!
جُهيل سگهند جا سوين فسانا،
وريل ڏٽن جي ڪُرن ۾ آهن،
عجيب دل جي اجا بہ حالت،
ٿڌي هوا ۾ چُرن ٿيون چوٽون،
سڏن ٿيون توکي!
وري بہ آءُ، وري بہ آءُ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجا نندڙن جي حِنا لتـــاڙي،
چٽو شهر تي تو چنڊ چمڪي،
وري دڪن جي صـــدا تِي جاڳي،
هوا جي پايل وري تِي ڇمڪي،
اکين جون آسون، خُمار جذبا،
سموريون صحرا جيان هي سوچون،
سڄڻ ٿيون توکي،
وري ٻــــ آءُ! وري ٻــــ آءُ!

بهـــار گذري هلي وئي آ،
گلن جا گجرا سُڪي رهيا هن،
الاءِ ڪـاٿي لِڪي وئي آن!
ستارا تولئہ جُهڪي رهيا هِن!
عجيب صـحـرا اندر ۾ آهي،
صدا جون اوتون، انيڪ جهوتون،
سڄڻ ٿيون توکي،
وري ٻــــ آءُ! وري ٻــــ آءُ!

پُڄي ڪناري ڏٺــو آ ٻيـــڙي!،
دريا کي ڪوئي سُڪون ناهي،
سنڌ اکين ڪـان پري او جانم!
اسـان جو جيـون اٿين ئي آهي!
چٽيل پٽن جون اُداس ڦوٽون،
سـراپا ٻڌجي وري ٻہ ٽوڪون،
سڄڻ ٿيون توکي،
وري ٻــــ آءُ! وري ٻــــ آءُ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اُداس هيئن نہ شهر ڪر!

صدين جي ڏوڙ ۾ ٻُڏل،
اسان جي روح جا ڀنل،
پلي نہ تون سوال اُگهہ!
نہ حال اُگهہ، نہ خال اُگهہ!
هي رات رات جا ڪُنل،
نہ چنڊ جهڙا خواب اُگهہ!
ڪٿي نہ ڪي جواب اُگهہ!
اسان جا سڀ اڪيلڙا،
پلي نہ تون عذاب اُگهہ!
مگر ائين نہ قهر ڪر،
سنيال پاڻ ڪي پرين!
اُداس هينئن نہ شهر ڪر!
اڪيون نہ ڪر اُتامريون،
مٺي نراس شام ۾،
نہ حُسن ڪر اتاولو،
ائين نہ لڙڪ هار تون،
قسم اٿئي نقاب اُگهہ،
ائين نہ چڏ ڀنا ڀنا،
چپن جا تون ڪتاب اُگهہ!
هوا اُداس پئي ٿئي،
ٻِلن جا هي گلاب اُگهہ!
وڃي پئي مٽ سهڪندي،
اکين جا تون عقاب اُگهہ!
اسان جي ڳالهہ چڏ ڪٿي،
جُدائيءَ جا حساب اُگهہ!
اجايا سڀ حجاب اُگهہ!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# خوشبوءِ جي تاريخ لکان!

تون قول ڪُنوارا ڏي مون کي،
مان خوابن جي تعبير لِکان،
تون خاموشيءَ ۾ چير وجاءِ،
مان چاندوڪيءَ جا لڙڪ اُگهان!
تون زلف هٽائج چهري تان،
مان ٻنهي توکي واءُ ڏسان،
هي موسم تِي پڙلاءُ وجي،
مان ٻنهي ڪوئي ديپ ٻَران،
جو ڏنگ هٽي اونداهيءَ کي،
۽ معنيٰ ڏي تنهائيءَ کي،
او! عشق اشارا ڏي مون کي،
مان تاندن جهڙي چيخ مٽان،
ڪا خوشبوءِ جي تاريخ لِکان!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عشق جون بدگمانيون!

غضب هيل ناتو عذابن آ جوڙيو،
ڪڏهن چنڊ موهيو، ڪڏهن چنڊ توڙيو،
ڪڏهن ڪو هوا ۾ سنيهو نہ آيو،
ڪڏهن دل ۾ خنجر اڪيلائيءَ پوڙيو!
نہ آئي، نہ آئي، صبا ڪا نہ آئي،
ستارن ۾ سُرندي رهي هيڪلائي،
بهارون بہ پنڪي اُجهامي اُڏي ويون،
خزائن جي دل ۾ جوانيون ٻُڏي ويون،
ائين ئي اويليون نويليون اڪيليون،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبت جون ڪيئي نشانيون ڏُٺي ويون،
عجب درد آهي اسان هيل پوڇيو،
اڪيلا ٽڙياسين، اڪيلا ڇڻياسين،
پُڇائن جي خوشبو اڏامي هلي وئي،
نہ مُرڪي سگھياسين، نہ روئي سگھياسين،
هوائن جا سُڏڪا ۽ بارش جون بوندون،
ڪٿي آلي يادن جي خوشبو ڪي پهتيون،
سيئي دلبرين جا ستارا لڪي ويا،
سُجاتل هٿن جا اشارا لِڪي ويا،
عجب آ، عجب آ، نسورو غضب آ،
ڏکي رات ٻانهن ۾ جنهن پل وڪوڙيو،
اوهان جون سيئي مهربانيون ڏُٺي ويون!
گلابي گلابي حيرانيون ڏُٺي ويون،
عجب عشق آهي اندر هيل جاڳيو،
رهيو آسرن جو اهو منڊ ساڳيو،
ڪليل زلف ڪارن بهارون پَسايون،
لڳو جڻ حياتيءَ ڪي معنيٰ بہ آهي،
نيون ڪي ڪٿائون نگاهن ٻُڌايون،
مليو جنهن گھڙيءَ چنڊ جهڙو ڪو چهرو،
الئہ ڇو تہ ڳُٺتين جون ڳانيون ڏُٺي ويون،
نسيئي عشق جون بدگمانيون ڏُٺي ويون!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اجا ٿو ڇاڇرو سوچي!

اجا ٿو ڇاڇرو سوچي!
ٻڌو ٻي خواب ڇو آهي؟
ڌهر خاموش ڇو آهن؟
هوا بيتاب ڇو آهي؟
ڪڪر روپوش ڇو آهن؟
اجا ٿو ڇاڇرو سوچي!
اُهي ڪاڏي ويون جيڪي،
ڇڏي ڪي گيت ڪَنڌين ۾،
ڪٽي ويون ناز ڪُوهن جو،
ٻَڌي پوتين جي ڳنڍين ۾!
لُٽي ويون چين روحن جو،
نَٽن جي لوڏ جا لهرا،
ٻُڌي ويا نوٽ موسم ۾،
اُڏي ويا سوچ جا تارا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لَڏڻ جي زرد ماتم ۾!
ڦَڳڻ جي ڦوھہ راتين ۾.
واھوندا ڪونہ ھا موٽيا،
آڪن جي زرد چاتين جا،
ستارن راز پئي ڪوٺيا،
وچولي مان لُٽي ڪٽڪون،
اُھي آيون نہ ڪنھن پاٺي،
سُجن ۾ پاپيھا پٽڪيا،
روھيڙا ڦول ويا ڇاڻي!
راسوڙا رُڃ ڪي اوڍي،
رھيا ھا انتظارين ۾،
ڇَڙن ۾ سؤ نياپا ھا،
سگّر ھا بيقرارين ۾،
گھڙن جو ڇا الائي ٿيو؟
اُنھن جو ڇا الائي ٿيو؟
سياري جون ستم راتيون.
نتگر ڪان جن پري ڪاٽيون،
گلابي ھٿ پَھٽن ڪي،
ٺُڪيندي ٿي ويا ڪانيون،
اُنھن جا عشق چونرن جي،
اڃان پي پاڙ ۾ آھن!
وڇوڙا بيوفا رُت جا،
غضب جي پاڙ ۾ آھن!
اڃا تو ڇاڇرو سوچي!

❖

# هي دل آهي سنڌ سڄي!

هي دل آهي سنڌ سَڄي،
جنهن جي ڳاڙهن ورقن تي،
زخمن جي تاريخ ڏکي،
نئي جون بازارون ڪيئي،
جن ۾ وحشت جاڳي تي،
ڪيئي ساڙيل در آهن.
ٽُڪرا ٽُڪرا جسمن جا.
رت ۾ وهنتل گهر آهن،
ناهه سلامت ڪابه سَگي!

هِي دل آهي سنڌ سڄي،
جنهن ۾ لاڏل نياڻيءَ جي،
آهه آلا! لاٽل پوتي!
گهوڙن جي سُنبن هيٺان،
اجرڪ پٽڪو ۽ ڏوتي،
مالائن جا ٽوڙيل آهن،
پٽ تي وکريل سپ موتي!

هِي دل آهي سنڌ سڄي،
جنهن ۾ سکر جا سپ رستا،
هُن جي ڇهري جيئن ساڳي،
مِٽي تي آ چاندوڪي،
ٿَلتيءَ جي آ ريٽي مٽي!
مِٽيءَ تي آ چاندوڪي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي دل آهي سنڌ سَڄي،
جنهن جي ڪارونجهر تي اُجرا،
جاڳيل مور ٺهوڪا آهن،
ڪينجهر جي نيري جَر تي،
ڪنول ڪنول جا هوڪا آهن!
مڪليءَ جون خاموش صدائون،
جاڳيل پهر پروڪا آهن،
جاڳي تي هرڪائي گهٽي!
هي دل آهي سنڌ سڄي،

جنهن ۾ ٺُلڙيون ٺُلڙيون ڪا،
ياد پرينءَ ڪي ڳولي ٿي،
سنڌوءَ جي سيرانديءَ تي،
خود ڪي اڪثر رولي ٿِي!

هي دل آهي سنڌ سڄي!
جنهن تي ڪومل نيڻن جا،
اڄ ٻي گهاٽا گهيرا آهن!
ڪارن وارن وارين جا،
ڪيئي ڪومل پيرا آهن!
واٽن تي پڻ ڇڻ آهي،
پوءِ ٻه گلابي هٿڙن جي،
چوڙين جي ڇَڻ ڇَڻ آهي،
هِيَ دل آهي جِند سڄي!
هي دل آهي سِنڌ سَڄي!!


Scanned with CamScanner

# زخمي خواب جو سُڏڪو!

تون ملي ناهين زمانو آ ٿيو،
جڳ اسان لئہ خواب آ ٻڌجي ويو،
دل شهر جا هي پگهل فانوس سڀ،
پٿرن سان واسطو ايڏو پيو،
محبتون سنسان ساحل تي سُتل،
زندگي پڻ ٻي ڪپر آهي سڃي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يادگيريءَ جا چٽن رابيل پيا،
توهر آهي حسرتن جي دل سڄي
بيخياليءَ جا پيا گنگهرو وڄن،
عاشقيءَ جي لهر آهي بي چئي،
خودڪشي جا گيت رستن تي رُلن،
غم وڏيو آهي ستارن کي ڇُهي،
چو اُداسيءَ جي گهڙي ايڏي ڊگهي!؟
درد جو پيو فلسفو دل کان پڇي،
تون الائي ٻيٺ ڪهڙي تي رهين؟
دل اسان جي پاڻ ۾ ئي پئي لُڇي،
چند چوڙيءَ جي اڌڙ وانگي لڳي،
دور تائين عڪس تُنهنجا تا ٽڙن،
دورين جو ڇا سبب آهي، پرين؟
لفظ پنهنجو پاڻ تي بيٺا ڇڙن!
ڇا ڪجي هن ديس جي موسم وري،
خواب ٽوڙڻ جو ڪنيو نيڪو آهي،
ديد جا در واسبا آخر وري،
آس دل لئہ اڄ بہ رانديڪو آهي!
دور تائين حسرتن جي شام آ،
وقت زخمي خواب جو سڏڪو آهي!
ڇا ڪجي هن شهر محبت جو اِهو،
درد اڄ پي پاڻ لئہ تحفو آهي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# گُلابي نظرن اکيان!

اوهان جي زلفن سنديون گهٽائون،
ڇُليون تہ راتيون حجاب تي ويون،
ذڪر اوهان جي سنديون ڪٿائون،
کُليون تہ باتيون ڪتاب تي ويون،
نريل ٻِلين جي تڏين اکين ۾،
بدن انڌيرن جا چُور تي ويا،
پُڄائي هر ڪا صبح تي پهتي،
ٽِڙيل ستارا بي نُور تي ويا،
عجب ڪٿا هي اسان جي آهي،
ذڪر وفا جو جذهن بہ نڪتو،
اکيون اوهان جون ئي ياد آيون!
گلابي نظرن اکيان اسان جا،
سمورا جذبا شراب تي ويا،
اداس دل جا اداس لمحا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قسم اوهان جو گلاب ٿي ويا!
ڏکهي ڪٿا ڏي هلون بہ چا لئہ،
هڳاءُ جو هڪ زمانو آ جو،
وساري وسري سگهي نٿو سو،
امانتن جو پُڇو ئي ڇا ٿا،
ڪلهن تي ڊرڪيل ڇَتا اوهان جا،
ادا جي رُت جا سوين فسانا،
اکين اکين ۾ بُڏل زمانا،
انوکيون آسون، انوکيون يادون،
غضب جا ياڪر، گلاب چُميون،
پيو اسان وٽ رهيو ئي ڇاهي؟
سٽل ڳلين ۾ اڪيلي چنڊ سان،
اوهان لئہ قدمن سفر ڪيو آ،
بهار پنهنجو اندر ڪيو آ،
ذڪر انهيءَ جو شراب جهڙو،
ڦُٽل چپن مان جڏهن ڦُٽي ٿو،
هينئون هتن مان هليو وڃي ٿو،
نندون بہ ڪافر صفا ٿين ٿيون،
تڏهن اوهان جو پرين! تصور،
اچي ڪي دل کي چميون ڏئي ٿو،
ذهن ۽ دل جو مٽل هي جهيڙو،
الئہ جي ڪاٿي لڪي وڃي ٿو،
عبادتن جو اِهوئي ٽاٽو،
جنت ڪان پي وڏ چڱو لڳي ٿو!


Scanned with CamScanner

# نيڻن جي آڏو....!

ڪٿ خيالن جي ٻيڙي ٽِڪي ئي نٿي،
راتِ گُل جي جوانيءَ جيان ٿي ٽِڙي،
تون به چنڊ هيٺ اکڙين جي سامهون ائين،
توتي معصوميت جي ٿي برکا ڪِري،
دل ايامن ڪان قيامت مان آهي لنگهي،
توڪان پرتي سرءُ هي ائين آ لڳي،
جڻ نه طوفاني بارش آ رڻ ۾ ملي!
سرد ملڪن جي پنڇين جيان دل اُڏي،


Scanned with CamScanner

تنهنجي جلون جون نينڊون ائين ٿيون ٻرن،
جيئن سورج ٿو لهندي گگن ۾ ٽڙي،
تنهنجي مُرڪن جي ڦولن جي هستي پِني،
ڪنهن مندر جي مٿان چاندنيءَ جيئن لڳي،
تنهنجي لفظن جي خوشبو هوا ۾ اُڏي،
منهنجي دردن جي خوشبو هوا ۾ اُڏي،
تنهنجي ڳالهين جي پوتي جڏهن ٿي لُڏي،
ساري خاموشي پَٽ تي ڪري ٿي ٽُٽي،
تنهنجون ٻانهون بدن کي ٿيون ويڙهي وڃن،
دل بهارن جي ڳاڙهي بدن کي ڇُهي،
ساري شڪون جي هستي ڇٽي ٿي وڃي،
ڪير ڄاڻي حياتي آ ڪيڏي ڏکي،
ڪير ڄاڻي خوشي هي آ ڪيڏي ڏکي،
بس پرين! تنهنجي ٻانهن ۾ ائين ٿو لڳي،
هِي حياتي گلابن جو ٻُوٽو بہ آ،
هي حياتي اُني جو ڪو جُهوٽو بہ آ!
هو گناهن جا سارا تصور ڇسا،
هي صدائن جا لمحا پٿر جيئن لسا،
تنهنجي نيڻن جي آڏو ٻنهي هيچ ٿيا،
هونئن منظر مڃان ٿو وڏي ڳالهہ ٿيا،
توڏي گهوري لڳي ٿو ٻنهي نيچ ٿيا،
تون جي مُرڪين خدائي ڪِلي ٿي پَئي،
تنهنجي وارن کي چنڊ جا هي سجدا ڏسي،
منهنجي خوابن کي ساپيا مِلي ٿي پَئي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چاهت جي پوئين ڪهاڻي!

ڪتي پاڻ آهيون، پتو ئي نہ آهي!
ڪتي هاڻ آهيون، پتو ئي نہ آهي!
گذاريل گهڙين جون پراڻيون صدائون،
وڏو پنڌ جهاڳي پري ڪان اچن ٿيون،
وفا جي شهر جون هوائون سڏن ٿيون،
چُلي ذهن ۾ تنهنجي يادن جو ساگر،
تصور ۾ ڪيئي ادائون ڦِرن ٿيون.
اها رات برکا جي مهڪار جهڙي،
اُداسيءَ ۾ اڪثر خنجر جيئن کُپي ٿي،
اُهي پهر سارا تڪيندي مري ويا،
چپن ۾ جي سگريٽ وانگي ٻَري ويا،
اُها رات چاهت جي پوئين ڪهاڻي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڪين ۾ اڪين جي لهڻ جو فسانو،
نہ جنهن کي ٿو سمجهي سگهي هي زمانو،
اهو پهر پويون عجب جي نشاني!
وڃڻ وقت پنهنجا ڪليا وار ٻَڌندي،
اسان کي انهن ۾ تون ويڙهي ڪٽي وئينءَ،
ڪٿي هاڻ آهيون پتو ئي نہ آهي!
ايامن جي گردش بهارون ڪٽي وئي،
نگاهن ۾ ڏسندي ئي صديون ڇٽي ويون!
ڪٿي تنهنجو چهرو نظر ڪونہ آيو!
رڳو زرد تنهائي دل جي پلئہ پئي!
فڪر جي صليبن تي لٽڪي پياسين،
غمن جي مٽيءَ ۾ دفن ٿِي وياسين،
ملي بس تہ خالي ملي انتظاري،
رڳو هاڻ آدين جي بنجر بدن تي،
صدائن جيان ياد مُرڪي اچي ٿِي،
ڪليل مست ڪاڪُل اڪين ۾ ڦرن تا،
چپن جون چتائون هينئين ۾ ڪُپن تيون،
شرابي نگاهون بدن ۾ چُپن تيون،
اُهي چند گهڙيون ڪا خوشبو اچي ٿي،
اُها مهڪ جنهن پل پري ٿي وڃي ٿِي،
حياتي هنگامن ڏي ڏڪجي وڃي ٿي!
انڌيري ۾ دل ڪان جڏهن هي پُڇون تا،
ڪٿي هاڻ آهيون؟ چوي ٿو انڌيرو،
پتو ئي نہ آهي، پتو ئي نہ آهي!!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# صليبن جي سامهون!

جڏهن ڪنهن حُسن جي ادا تا قلهوريون،
يا ڪنهن جي چُميءَ جي وفا ڪي تا اوريون،
اُهي چند لمحا لڳن تا حياتي،
رڳو هونئن آهي سڄو وقت ڪاتي،
سڄي سوچ اڪثر تي بنجر وڃي ٿي،
غضب جي اداسي تي خنجر وڃي ٿي،
اُتي زندگيءَ جي تا معنيٰ ڪي ڳوليون،
جتي لفظ ممنوع بڻجي وڃن تا،
قلاريل گلابي جوانين جا تحفا،
رڳو سرد لاشا ئي بڻجي ڪڇن تا،
سيئي ورق قاتل دلين جا رسالا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وجودن جي ڪپٽن ۾ چرڪيل رهن ٿا،
اُجي هر محبت صليبن جي سامهون،
اشارن تي پهرا جميل ئي رهن ٿا،
اُتي ڪنهن خوشيءَ جي ٿا رچنا ڪي ڳوليون!
جتي روپ راهن ۾ پٽڪي ٻرن ٿا،
سڃي سرد نگري صدائون اُٿي تي،
جتي ڪاٻ موسم نہ پنهنجي لڳي تي،
هي تارن جي رمجهم نہ پنهنجي لڳي تي!
رڳو خون ڳاڙهو اکين ۾ رُلي تو،
جتي هر محبت چَٽيون ئي پري تي،
اکيون وحشتن جي قلعن ڪي لتاڙن،
سوين چُوڙيون تيون ڪيڏارا سُٽائن،
الا! زرد ويڙهن ۾ جاڳيل غريبيون،
جنين جا بہ سيبا اُديڙيا وڃن ٿا،
حوس جي غلاظت جي ڪارن هٿن ۾،
سوين جسم پُورا اکيڙيا وڃن ٿا،
پٺائيءَ جي ويڙهن ۾ وايون رُئن تيون.
فريبن جي رڻ ۾ حياتيون مَرن تيون.
نہ جنهن جي ڪفن ڪي ڪو گُل ئي ملي تو!
نہ جنهن لاءِ خوشبو ڪو سُڏڪو پري تي،
رڳو رات ڪاري اکين ۾ نري تي،
اُتي زندگيءَ جي ٿا برڪا ڪي ڳوليون!
اُتي زندگيءَ جي ٿا معنيٰ ڪي ڳوليون!

soorhisindhiadab


Scanned with CamScanner

# خون آدم جو...!

سدائين چشم پوشيءَ جي،
جنين پي ريت تاٽي آ،
اُنهن لئہ خون ماڻهوءَ جو،
گٽر جو جڻ تہ پاڻي آ،
صدين جي روح ۾ چاهي،
گهڙين جي ڪوهہ ۾ چاهي،
اُهو ڪجهہ هِي نتا ڄاڻن!
انڌيرن جي پنيان اڪثر،
سويرو ئي اُپرندو آ،
اجايو خاڪ ٿا ڇاڻن!
انهن کي ڪو پتو ناهي،
مٽي هيءَ ماءُ ٿيندي آ،
جبر لئہ تاءُ ٿيندي آ،
ڏکي هڪ ڏانهن ٿيندي آ،
لهوءَ مان جا اُپرندي آ!
اُها وحشت کي ساڙي ٿي،
اونداهيءَ کي بہ ڦاڙي ٿي،
قهر جي روح ڪاري ۾،
سدا سنگين ڪوڙي ٿي،
اُها ئي سُچ تاري ٿي،
اُهائي ڪوڙ ٻوڙي ٿي!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جي زبانون ماٺ ڪي چوڙي وڃن!

روز راهن ۾ اُداسي ٿا ڏسون،
ڪوڙ اذيت جا ڪليل آهن ڪتاب!
بي سُري موسم مٿان آهي اُپي،
بي مهل سڙندا وتن ٻاڙها گُلاب!

هي سڄو ئي دؤر آهي بي پرم،
سچ کي زنجير پاتا ٿا وڃن.
سونهن جي خيمن مٿان پهرا هئي،
غيرتن جا گيت ڳاتا ٿا وڃن!

soorhsindhiadab

سوچ کي بيوهہ ڪرڻ جون سازشون،
اڄ بہ آهن ديس جو ڪو الميو!
ڪوڙ خوابن جون اچا ڦاٽل رِليون،
درد جي هن روپ جو آهن پتو!

زندگيءَ جي واٽ تي مقتل اچا،
چنڊ کي گاريون ملن ٿيون بي رحم!
ڪاٻہ ساڃهہ جي رهي ناهي گهٽي،
سچ کي پُونڊا هڻن ٿا بي شرم!

نيڻ پنهنجا جئن نہ ڪو جانچي سگهي،
تنهن ڪري ممنوع آهن آرسيون،
ڪين سچ ڏي ڪا اُپي آڱر تٿي،
تنهن ڪري زخمي ڪيل هِن آڱريون!

هن وچايل راهہ ۾ پنهنجون سيئي،
جي زبانون ماٺ کي چوڙي سگهن!
پوءِ پڪو ويساهہ آهي دوستو!
صُبح پنهنجا سپ ڪنوارا تي پون.

❖

# قيدي مهاڻي جي وڻيءَ جو ورلاپ

پتين جي قيد جا راهي، الاءِ تون ڪڏهن ايندين؟
لڳي ٿي هر گهڙي ٿاهي، الاءِ تون ڪڏهن ايندين؟

ڏڪڻ جي واءُ ۾ تولئہ، ڳنڍيا مون وار ها ڊوليا!
سِتارن نيڻ پٽي کوليا، عجب اسرار ها ڊوليا!
دريءَ ۾ ديپ آتو هو، نشو ڪيڏو هو رستن ۾!
سنجهي ۾ سار هئي تُنهنجي، اُجايل پار ها ڊوليا!
هليو وئين تون اِئين هيڪل، ڪنئي غم ڪونہ پو ساهي!
پتين جي قيد جا راهي، الاءِ تون ڪڏهين ايندين؟


Scanned with CamScanner

نماڻي هاڻ ڪينجهر جو، سمورو ناز ميرو آ!
نٿي ۾ بي نيازي آ، گهٽين ۾ جڻ انڌيرو آ!
ٻگهن ۾ ماٺ آ سانول، نہ آڙي ٿي ٻُڌائي ڪا!
نهاريا مون ڪپر آهن، ڪٿي تنهنجو نہ پيرو آ!
پوي ٿو هاڻ پيرن ۾، لڳي ٿو وقت آ ڪاهي!
پتين جي قيد جا راهي؛ آلاءِ تون ڪڏهن ايندين؟

پڇي پيا، سي ڪڱڻ ساوا، وڌا ها تو جي ٻانهن ۾!
رُلن ٿيون حسرتون پاڳل، اثر ناهي ڪو دانهن ۾!
ٻري آ ڪونہ چُلهہ پنهنجي اجان بيڙي آ ٽاٽي ۾!
رڳو هي سوڳ ٿو ساڙي، ڏکن تا درد راهن ۾!
وڇوڙيل هيڪلي دل جو ڪٿي آج ڪو، نہ آ واهي!
پتين جي قيد جا راهي، آلاءِ تون ڪڏهن ايندين؟

پرين، اِن قيد ۾ تنهنجون ڪٽن ٿيون ڪيئن الئہ راتيون؟
ٻرن ٿا انگ هي منهنجا، رڙن ٿيون روح جون لاتيون!
سکين ۾ ٺهڪڙا آهن، پکين کي چا چوان آئون؟
نياپو مون اُماٽيو آ، نهارج چنڊ جون جهاتيون!
رڳو هِن يادگيريون بس اندر جون هاڻ همراهي!
پتين جي قيد جا راهي، الاءِ تون ڪڏهن ايندين؟

❖

---

* جون 2003 ۾ ڪينجهر ڍنڍ ۾ هڪ ٻيڙي حادثي جو شڪار ٿي، نتيجي ۾ 26 مسافر موت جو شڪار ٿيا. اهي ڪراچي مان، سير لئہ آيا هئا. هن اوچتي حادثي جو ڏوهہ غريب مهاڻي، ابراهيم تي مڙهي ڪيس قيد ڪيو ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## گٺر رابيل ويو ڪائي

ٺري جي ٻاٽلي ڏوڪي،
ڪنگهي ٿو مٿ ۾ پوڙهو!
نهاري پَر گڻيون توڪي،
ڇڏن ٿيون ساهه کي روڪي!

"هِنن مان ٿون صفا ناهين!"
ستارو ڪوئي سوچي ٿو،
رهي ٿي وچ ڪا ٿو ۾،
پڙي سان آرسي آهين!

شرابي رات خيمن جي،
مُنجهائي مٿ ٿي توڪي،
آ تو ۾ روح بارش جو
ٻري خانه بدوشن جي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪُنواري آتما تُنهنجي،
پَپڻ تي ماڪ جهڙي آ،
موهي ٿِي هر مسافر کي،
ڪلڻ جي اڀنا تُنهنجي!

اُرهَہ سان تو مُنجهايا هن،
جُهڙالي جا گلابي گِل،
ڦٽين کي آ چڙيو ڦاڙي،
تنهنجي ٿهڪن جي هِن پايَل!

اکين جي جاڳ تُنهنجيءَ ۾،
رڳو ٿيون سانوٽيون ڦٽڪن!
صدين جا پير ٽَڙڪن ٿا،
چَپن جي آڳ تُنهنجي ۾!

تون ناول ڪينَ ڪو ٿيندئينءَ،
اِهو بس سنڌ جاڻي ٿي،
قبيلي جي رواجن ۾،
تون خيمي ۾ چٽي ويندينءَ!

تڏهن ڪا رات سوچيندي!
گلابي باک وئي ڪاڏي،
گٽر رابيل ويو ڪائي،
ڪڏهن برسات سوچيندي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنجڪڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متان چنڊ توکي وجهي اک ڀيجي،
پرين! درد جهڙي مٿان رات آ،
گلن جي ڪنڊن تي اجا ڪات آ،
وڃي تون ڪندين ڇا هوا ۾ وڃي!
متان چنڊ توکي وجهي اک ڀيجي!

❖

سڄي شهر جي آ جهڙالي هوا،
پرين! وهم موسم وڌائي ڇڏيا!
الئه زلف تو ڇو لڪائي ڇڏيا؟
سفر منجهه آهي سوالي هوا،
سڄي شهر جي آ جهڙالي هوا!

❖

روز وچولو ڇڻ تہ رڙي ٿو،
تنهنجي خوشبو ڦهر ڪري ٿي ،
پورالا سڀ ڀهر ڪري ٿي،
من من ۾ ويچار سڙي ٿو،
روز وچولو ڇڻ تہ رڙي ٿو!

❖

اِها چانڊني ڄڻ چُمين جو وطن،
اِها رات منهنجي چري دل لڳي،
اِها هير منهنجي سڪي جي سڳي،
اِهو چنڊ منهنجي پرين جو بدن،
اِها چانڊني ڄڻ چُمين جو وطن!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان اڄ بہ ساڳيا چٽيل پن وانگي،
پرين،تنهنجون نظرون تتي ٿاڪ جهڙيون،
اسان پوءِ بہ سمجهيون ٿڌيءَ ماڪ جهڙيون،
سيئي تنهنجا وعدا سچي بن وانگي،
اسان اڄ بہ ساڳيا چٽيل پن وانگي!

❖

سيارو بہ ڄڻ ڪو سنيهو هجي،
ٿڌي رات ڄڻ ڪا ڪُنواري چُمي،
هوا ريشمي ڄڻ پرينءَ جي چُني،
نرم ڏينهن ڦلڙيءَ جو چمڪولڳي،
سيارو بہ ڄڻ ڪو سنيهو هجي!

❖

رُت جا نيڻ اُگهاڙا آهن،
پنهنجو پاڻ سنڀالي هل!
او سرهاڻ! سنڀالي هل!
پاپين جا ڪَئين پاڙا آهن،
رُت جا نيڻ اگهاڙا آهن!

❖

وري دلربا جي ڳلي ياد آئي،
امبر ۾ اجايل ستارا ڏسي،
ستارن ۾ سُرندڙ اَشارا ڏسي،
ڇري آرزوءَ جي ڪَلي ياد آئي،
وري دلربا جي ڳلي ياد آئي!

❖

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجھ تہ چئہ تون سنڌ جھڙي ڇوڪري!
ڪير تنھنجي روح ۾ آھي لَٿو؟
ڪھڙي ڇاتيءَ تي رکيو آ تو مَٿو؟
ڇانوَ ٿيندي ٿي وڃين تون، پوپري،
ڪجھ تہ چئہ تون سنڌ جھڙي ڇوڪري!

تو ڇو ڪارو ويس ڪيو آ؟
ھيل گھڙن تي ڪرنڊڙ رمجھم!
ھاءِ ھنيلي مومل موسم،
ڇا ڇا توکي نيٺ ڇيو آ!
تو ڇو ڪارو ويس ڪيو آ؟

سنڌ جو ساڱيو رنگ بہ ناھي!
سڌڪا ڇيرون روز ڇنڊبن ٿيون،
پاڻي لئہ ھوءَ پنڌ وڃن ٿيون،
موسم وٽ سارنگ بہ ناھي!
سنڌ جو ساڱيو رنگ بہ ناھي!

ھئہ! گج واريءَ جو ھُو تَن،
برساتين ۾ ياد اچي ٿو،
من ۾ ڪوئي مورُ نچي ٿو،
پنڪي تو ھي پاڳل مَن!
ھئہ! گج واريءَ جو ھو تَن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئه! گج واريءَ جي پايل،
ڏرتيءَ جا اسرار اُنهيءَ ۾،
نهڪر ۽ هاڪار اُنهيءَ ۾،
هانوَ ڪري ٿي سپ گهايَل!
هئه! گج واري جي پايل!

❖

هينئين تان هُن جا حجاب ڳذرن،
وجود ۾ تو سمونڊ اُٿلي،
عجب ٿي مرڪيو سوال اُڇلي،
نٿا ڇپن مان جواب ڳُذرن!
هينئين تان هُن جا حجاب ڳُذرن!

❖

خنجر جي ڌار تي هلي،
چُمون ٿا چنڊ جو بَدن،
ڇُهون ٿا پيار جو وطن،
پرينءَ جي پار تي هلي،
خنجر جي ڌار تي هلي!

❖

اجا ڪوئي جاڳي پيو تو گهِٽي ۾،
الله جي ته ڪهڙو اهو روڳ آ؟
لڳي پيو تو دردن سان سنجوڳ آ،
ڦُٽن زخمَ ئي ٿا چانڊوڪيءَ ڇٽي ۾!
اجا ڪوئي جاڳي پيو تو گهِٽي ۾!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوءَ ڪنوارپ جي نشي ۾ آ ٻڏل،
ڪير سمجهائيس، تورو جهل اڪيون!
بيخياليءَ ۾ پُسيل آهن گهٽيون،
ننڊ ساري شهر ڪان آهي رُٺل،
هوءَ ڪنوارپ جي نشي ۾ آ ٻڏل!

❖

مليا زخم جيڪي هُتا ڪونہ تورا،
پکين جي ڪي پيرن ۾ ڏاڳن جيان ها،
اکين جا سفر سڀ اوجاڳن جيان ها،
سوا ڏينهن تنهنجي سِتم ها نِسورا،
مليا زخم جيڪي هتا ڪونہ تورا!

❖

ڦِڪي شامَ پنهنجي، صُبح زردَ پنهنجا!
اکين جي رَٽن ۾ سُتيون هيڪلايون،
ٻُڌائڻ جون ڳالهيون نہ ڪنهن کي ٻُڌايون
وڇوڙن ۾ ويڙهيل هتا درد پنهنجا!
ڦِڪي شام پنهنجي، صُبح زردَ پنهنجا!

❖

ڪير پيو ها پري هِي ڳُڪون وقت جون؟
پاڻ هاسين پرين جن جلايا بدن،
ڪوڙ ڳوڙها ڏئي پوءِ بہ اربيا وچن،
پاڻ لاهي چڏيون سڀ ٻُڪون وقت جون،
ڪير پيو ها پري هِي ڳُڪون وقت جون!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لُڙڪ ٻڙجي اکين مان هُوءَ ويندي هلي،
ڳوٺ آهي سڏيو هُن کي وڃڻو به آ،
خواب پنهنجين اکين جو تہ پيڇڻو بہ آ،
دل کي سُڌ آ نہ پيهر هُو ايندي هلي،
لڙڪ ٻڙجي اکين مان هُو ويندي هلي!

❖

ڳالهہ آيل، چپن تي مون روڪي ڇڏي،
هُن جي نيڻن ۾ جيئڻ کي نہ آگم ٽِئي،
هُن جي خوشبو نہ جيئڻ کويہ ماتم ٽِئي
هانوَ اُڏمن جي ڪاراڻ ڏوڪي ڇڏي،
ڳالهہ آيل، چپن تي مون روڪي ڇڏي!

❖

ٿڪ ناهي پيڳو اسان ويهي،
عشق، ڳُل بار بار ٿيو آهي،
وجد ۾ وار وار ٿيو آهي،
حُسن آهي ڏٺو اکين ڏيهي،
ٿڪ ناهي پيڳو اسان ويهي!

❖

هوا سان نياپو اُماڻيو تو آهي،
هجي خير تنهنجي حجابي چپن جو
وچين سينڌ تنهنجي وطن آهي من جو
اسان جي جياپي کي تاڻيو تو آهي،
هوا سان نياپو اُماڻيو تو آهي!

❖

soorhsindhiadab


Scanned with CamScanner

سُهائي جهُنڊ ۾ رهي نہ سگهندي،
جوانڻ جوين ضرور وڃندو
سگهي نہ وڃندي غُرور وڃندو
سچائي ڪُنڊ ۾ لِڪي نہ رهندي،
سُهائي جهُنڊ ۾ رهي نہ سگهندي!

❖

ڪڏ ۾ پيو آ لاش پُراڻو
دل جا ڪڻندي پير مُئي آ،
جڳ جا جاڻي ڪير مُئي آ،
گهُوري پيو آڪاش پُراڻو
ڪڏ ۾ پيو آ لاش پُراڻو!

❖

مِٽيءَ تي ڪا دانهن پئي آ،
شخص پُڇن ٿا ڇاهي يارو؟
ڪابہ سڃاڻپ ناهي يارو
لاوارث ڪا ٻانهن پئي آ،
مٽيءَ تي ڪا دانهن پئي آ!

❖

ٿاڪور ڪريون ڇو زخمن جي،
هِي ڳاڙها ڇڻ تہ گلاب آهن،
هِي آزاديءَ جا خواب آهن،
توهين ڪريون ڇو صدمن ڃڃي،
ٿاڪور ڪريون ڇو زخمن جي!

❖

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بُلي شاهہ! عشق ماٺهو جو،
عجب ئي راز ڪو آهي،
غضب جو ناز ڪو آهي،
اُنهيءَ کي ڄاڻي تو ڪو ڪو
بُلي شاهہ! عشق ماٺهو جو.

❖

ٻُڌين تو ڳالھ ٻي ناهي،
اچي تو عشق آگم تِي،
وڃي تو روح ڇم ڇم تي،
لڳي تو زندگي آهي،
ٻُڌين تو ڳالھ ٻي ناهي!

❖

اسان جا درد ڪولي ڏِسُ،
رنڊين وارا نہ ڪوتا هِن،
ڪلر وارا نہ پوتا هِن،
نگاهون پنهنجون رولي ڏس،
اسان جا درد ڪولي ڏس!

❖

soorihsindhiradab


Scanned with CamScanner



ايوب کوسي کي پندرهن کن ورهيہ اڳ، جهڏي شهر جي هڪ پرشور ۽ پرهجوم هوٽل ۾ ، پهريون دفعو مون، ريڊيو تي محض هڪ عام "خط - لکاريءَ" جي حيثيت ۾ جاتو.

چهري تي ڦوهہ جواني جي فخر مندي، آڱرين ۾ گولڊ ليف جو سگريٽ ۽ وضع قطع ۾ خوش شڪل ۽ خوش لباس. ۽ نهايت جلد، اهو ئي نوجوان ، هڪ جيڏن جي صفن ۾ "نشانبر" شاعر تي نمايان تيڻ وارو آهي!؟ اهو مون ان وقت، چاتو ئي ڪٿي پئي ! مٿان ....اهو اجهو تازو..... مولوين سان "مهاڏو اٽڪائڻ" ۽" جيل ياترا" واري مامري، هن جي ڏاهيءَ ڏات ڏي، ڏهہ ئي آڱريون ڏيئا ڪري، ٻاري ڏيکارڻ جي، جهڙوڪر از غيبي سگهہ عطا ڪري ڇڏي آهي.

۽ چا نثر !؟ ۽ چا نظم !؟ ... ان دوران ۾ ايوب جيترو پوڄيو ! ان کان ٻہ وڌيڪ انهن صنفن ۾ هن سٺو لکي ڏيکاريو آهي.

آئون تہ پائنيان ٿو تہ، هن جي سٽ سٽ ۾ "جلال" ۽ "جمال" جون جيڪي جهلڪيون ۽ حسناڪيون پيون پسجن ،اهي ٻہ انهن چورن سان ، قلمي جنگ جوٽڻ واري مامري جي، رد عمل طور ئي ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجن.

ايوب جي هن شعري مجموعي جي هوندي تہ هر صنف " پرين جي لوڏ" ۽ "هوا جي هوڏ" سان مهڪيل آهي. پر خاص طرح سان "نظم جي صنف" ۾ هن وٽ لفظن ۽ تشبيهن جي جيڪا لهر ۽ ترنگ آهي، گيڙوءَ رتن سنگ وارن فقيرن جي نچڻ ۽ شعلن تي پتنگن جي اچڻ جهڙي مستي ۽ سرمستي تہ انهن مان صاف پيئي جهلڪي.

بقول ايوب جي : هن جي ڪويتا : هن جي "اڳهاڙي پير جو سڏڪو آهي" ۽ جي ائين واقعي آهي تہ آئون دعا ٿو گهران، تہ ان اڻٽڪ پير جي سڏڪي جي پڙلاو سان، اسان جي هن سنڌي ادب جو ايوان ۽ آسمان صرف ، هن جنم تائين نہ، ڪيئي جنمن تائين گونجندو ۽ ان سان پڙاڏجندو رهي: آمين !

4 آڪٽوبر 2003ع

نصير مرزا

Rs: 150/=

soorinsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book